# سنڌو

(هند جي برک ليکڪن جون چونڊ کهاڻيون)

چونڊ ۽ ترتيب

## ڪرم الاهي چنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌو

(هند جي برک ليکڪن جون چونڊ ڪهاڻيون)

چونڊ ۽ ترتيب

ڪرم الاهي چنا

سنگم پبليڪيشنس

٣٧- يوني پلازا آءِ- آءِ- چندريگر روڊ

ڪراچي- سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنگم پبليڪيشنس جو اٺويهون ڪتاب


چيئرمن : سيد بشير احمد شاهه
سهيڙيندڙ : ڪرم الاهي چنا
ساٿي : لياقت عزيز
اعجاز علي شاهه
ڪي- ڊي- سومرو



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



قيمت : ٻارهن روپيه


SINDHO

(Selected short stories of Famous Indian writers).


Edited By: Karam Illahi Channa

Published By: M/s SANGAM PUBLICATIONS'
37 - Uni Plaza, I.I. Chundrrgar Road,
Karachi - Sindh.

Printed at Wahid Art Printing Press' Rattan Talao,
Akbar Road, Karachi - Sindh.

First Published: February 1984

Price : Rs. 12.00



Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| * انساني جذبو | اٿم | ۷ |
| * داغ | پوپٽي هيرانندائي | ۱۷ |
| * ڪامرونير - منودرد | ايشور چندر | ۳۲ |
| * پرپاءِ ڪرانتي | ڪي. ايس. پالاڻي | ۴۳ |
| * پهريدارٽ | سندري اتمچنداڻي | ۶۸ |
| * سنڌو | انند گولاڻي | ۷۷ |
| * ايمان | گنو سامتاڻي | ۸۸ |
| * مرڪ ۽ ممتا | ڪلا پرڪاش | ۱۰۹ |
| * رڻ جو ڪيپل ڏار | ڀڳوان تلواڻي | ۱۱۸ |
| * نروسريندڙ گهنٽا | هري همٿاڻي | ۱۳۶ |
| * رعب | سگن آهوجا | ۱۴۸ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

ادارہ سنگم پبليڪيشنس جو اٺويهون ڪتاب "سنڌو" حاضر آهي. هي ڪتاب، هندي جي برک ليکڪن جي شاهڪار ڪهاڻين تي مشتمل آهي. هي ڪهاڻيون ڀارت ۾ ڇپيل مختلف ڪتابن تان کڻي، بغير ڪنهن ردوبدل ڪرڻ جي، بلڪل اصل حالت ۾، فوٽو آفسيٽ تي ڇاپيون ويون آهن.

اميد ته اسان جي هيءَ ڪاوش پڙهندڙن کي پسند ايندي.

اوهانجو ساٿي

**ڪرم الاهي چنا**

١٥- فيبروري ١٩٨٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُتم

## انساني جذبو

۱۸ جنوري ۱۹۵۶ع. اهو عام هڙتال جو ڏينهن هو.
"دادر" جي ٻئي نمبر پليٽفارم تي ٽرين جو انتظار پئي
ڪيم. ٽرين ڪافي دير لڳائي هئي. وقت ڪاٽڻ لاءِ
"ٽرو رومانس" (سچو عشق) مخزن پڙهي رهيو هوس.
اوچتو، "آڪاش پاتال هڪ ڪنداسين!" "بمبئي
مهاراشٽر سان ملائينداسين!" جي نعرن، پڙهڻ ۾ رخنو
وجهي ڇڏيو. مون ڏٺو ته منهنجي پرسان ئي ۴۵-۵۰
ورهين جو ڪرڙو ڏوتي بند شخص نعرا هڻي رهيو هو.
هن جي ڳچيءَ ۾ هڪ پوسٽر لٽڪيل هو، جنهن ۾
سميڪت مهاراشٽر جي اڳواڻن جي گرفتاريءَ ۽ بمبئيءَ
متعلق هند سرڪار جي ڪيل فيصلي خلاف عام هڙتال
ڪرڻ لاءِ اپيل هئي. جلد ئي اهو شخص ڊوڙ پائي
ٽئين پليٽفارم تي بيٺل لوڪل ٽرين ۾ وڃي چڙهيو. هن
جي پٺيان پوليس وارو ڊوڙڻ لڳو. ليڪن هن کي جهلڻ
کان اڳي ٽرين هلي وئي. پوليس وارو هٿ مهٽيندو
رهجي ويو.

مان ان عمر چڙهي آيل شخص جي بيباڪ شخصيت
تي حيرت ۾ اجا سوچي ئي رهيو هوس، ته پٺيان بندوق
جو آواز ٻڌم. ڪن پل لاءِ بدحواس ٿي ويس. گولين کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڄڻ لاءِ ڪنهن ٿنڀي پٺيان لڪڻ جي ڪوشش ڪيم. پر جڏهن پليٽفارم تـــي ڊوڙندڙ چانڊوڪيءَ ڏٺم ته اهي ڇوڪرا ئي آهن، تڏهن ڀروسو ٿيم ته پوليس ڇوڪرا آڻيندڙ گاڏي ڪم آندي آهي. پوليس جيڪا ٽيڪ اسٽيشن جي ٻاهران گاڏي ڪم آندي، ته به انهن جو اثـر پليٽفارم تي ٻيڻو ماڻهن تي ٿيو.

نيٺ، ڏهين ٻجي جي ٽرين، ساڍي ڏهين ٻجي آئي. البت هوندي کان ٻيهه گهٽ هئي. روز واري گـاڏي ۾ چڙهيس ته ڪيترائي سڃاتل مهاندا ڏسڻ ۾ نه آيم. وري به شڪر هو جو ٽي مرهٽا ڪلارڪ ساٿـي موجود هئا. اسين دروازي وٽ بيهي ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. ٽرين هلي ته مون هڪ ساٿيءَ شري ديشپانڊي کي چيڙائـڻ جي لحاظ کان مشڪندي چيو، ”بمبئي تهڃي ناهي، بمبئي اسانجي آهي!“

هن ڪابه ورندي نه ڏني، فقط مشڪي ڏنائين. مان پنهنجي ناڪاميابيءَ تي دل ئي دل ۾ ڪڇڻ لڳس. اڄ ديشپانڊي هوندي کان وڌيڪ سنجيدو پئي لڳو. جيڪو انسان ڪڏهن به ڳالهائڻ جو موقعو هٿان نه وڃائيندو هو، سو اڄ چيڙڻ تي به سڻ ۾ ڪين ٿي رهي سگهيو! هن جي مات مون کي بيچين ڪرڻ لڳي.

مون وري به مذاقي نوع ۾ چيو، ”چاهي ڀاءُ ـــي، دنيا جي چوڪاري جو سڄو ڀار ٻاڻ ئي اڪيلي سر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏين ڇا؟ يار، مڪاروڙلڊ مان ڪي ٻه اکر نه ٻول!"

هن وري ٻه جواب ڪو نه ڏنو. ليڪن مون کي ڄڻ جواب ملي ٿي ويو. اچانڪ ٻه چار پٿر زور سان اچي لڳا. هڪ منهنجيءَ ٻانهن تي، ۽ ٻيو ڏيشپانڊي کي لڳو. پٿر ڪافي وزندار ۽ ڇهنبدار هئڻ ڪري منهنجيءَ ٻانهن مان رت وهڻ لڳو.

سڄي گاڏي ۾ رڙو رڙ مچي ويئي. "ڪڙڪيون بند ڪرو... غنڊي پٿر ڦينڪتي هين... يي موالي لوگون ڪا ڪام هئي!" سيٺي پاسن کان دريون بند ڪري ڇڏيون. ٽرين ۾ ڪي منٽ نه موت جهڙو سناٽو ڇانئجي ويو. ان وقت ٽرين دادر ۽ ايلفنسٽن روڊ جي وچ ۾ هلي رهي هئي. ايلفنسٽن اسٽيشن آئي. پليٽفارم تي حشام ماڻهن جا ميڙ هئا، پر ٽرين ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ چڙهيو.

"غنڊن" جي پٿربازيءَ اسان ٻنهي دوستن جي رڳن ۾ ڪيرو آڻي ڇڏيو. مون جوش مان ڏيشپانڊي جي ٻانهن جهلي چيو، "ڇا، هيڏي غنڊاگيري ڪري توهين ٻمبئي وڃڻ ٿا چاهيو؟"

هن ايڏو نه زوردار ٽهڪ ڏنو جو آسي پاسي ويٺل ڪي مسافر نه ڇرڪي ويا. پوءِ منهنجي ٻانهن زور سان ڇڏائيندي چيائين، "غنڊا ڪير آهن. آهي، جيڪي لاٺي جي زور تي ٻين جو حق ڦٻائڻ ٿا چاهين يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي پنهنجي حق لاءِ نه لڙن؟"

"پٽرن سان حق لاءِ لڙيو آهي؟"

"جڏهن اڳوڻن کي چورن وانگي ڪيبي ناحق ۾ ڦونسيو ٿو وڃي، صلح پسند مظاهرن تي بندشون وڌيون ٿيون وڃن، تڏهن ماڻهو ڇا ڪندا؟ تو خود پڙهيو هو ته ١٩٤٢ع واريءَ هلچل ۾ انگريز سرڪار جي ڪاروبار ۾ رنڊڪ وجهڻ لاءِ توهان بسن، ٽرينن وغيره تي پٿر اڇليا هئا..."

مون هن کي وچ ۾ ڪٽي چيو، "انگريز ڌاريا هئا، هيءَ سرڪار پنهنجي آهي."

"برابر. ليڪن انگريز ظالم هئا، هيءَ سرڪار به ظالم آهي. ظالم کي ڪڏهن به پنهنجو نه سمجهبو آهي."

۽ پوءِ پنهنجي مک ڏيکاريندي چيائين، "ظالم سرڪار فقط اهائي ٻولي سمجهندي آهي."

مون کن رکي چيو، "تون ڪيئن ٿو چوين ته ناٽي جي زور تي اوهان جو حق قبايو ويو آهي؟"

"جڏهن وزير اعظم قبول ڪري ٿو ته بمبئيءَ تي مهاراشٽر جو حق آهي، ته پوءِ اها چونتي ان سان گڏي وڃي؟ مطلب ڇا آهي ته اٿين ڪرڻ سان گجراتي سرمايدار جيڪي ڪانگريس کي ۽ سرڪار کي پيسي جي مدد رهيا آهن، تنهن ڪان ناٻوي واريندا. تون پري نه وڃ، هن ٽرين ۾ ويٺل گجراتين کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌيون هيون، تڏهن ديش پانڊي لاءِ چيو، ”سالو ڪو ڪميونسٽ هو!“

جڏهن ٽرين هلي، تڏهن اسان ڏٺو ته پوليس پٽن تي بيٺل ماڻهن کي جهلي بيٺي هئي، ۽ ديش پانڊي ماڻهن کي هٿ لوڏيندي وداع ڪري رهيو هو.

ڪجهه وقت ته اسان جي وچ ۾ ڪابه ڳالهه ٻولهه ڪانه هلي. منهنجي ڪن ۾ ديش پانڊي جا پڇاڙيءَ وارا لفظ ٻري رهيا هئا. ”هي مٺ جيترا سرمائيدار ئي آهن، جن پنهنجي نفعي خاطر سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهايو، ۽ جيڪي اڄ عام گجراتين ۽ مرهٽن کي ويڙهائي رهيا آهن.“

آخر منهنجي ٻئي دوست، شري لڪرنيءَ، ماٺ کي ٽوڙيندي چيو، ”ڪيئن سائين، پٽن تي ويٺل غنڊن ۽ موالين جو درشن ڪيوَ؟“

هن جي ٽوڪ منهنجيءَ دل ۾ تير وانگر چڀي ويئي. ٽرين جي پٽن تي ويٺل سڀ سفيد پوش هئا، جن مان ڪي ته سوٽيڊ بوٽيڊ نوجوان هئا. آءٌ شرم کان جهڪي پاڻي پاڻي ٿي ويس. ڳالهه کي بدلائيندي چيم: ”دوست، مان اوهان وانگر نه رومانٽڪ (تنگدل) نه آهيان، مان ڪاسماپاليٽن (سرو ديشي) خيالن جو آهيان.“

ايتري ۾ ٽرين بيهي ويئي. اڳئين گاڏي ۾ سميڪت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاراشٽر جي حمايتن زنجير ڇڪي هئي.

اسان جي ٻئين دوست، شري پاٽل، منهنجن خيالن جي تائيد ڪئي. ننڍڪڙيءَ جوش مان منهنجي هٿ مان ”ٽرو رومانس“ آمريڪن مخزن کسي، هڪ ننگي استريءَ جي تصوير ڏانهن اشارو ڪري چيو: ”توهنجي ڪاسماپاليٽنزم توکي اهاڳي سکيا ٿي ڏني ته تون پنهنجي ٻولي، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي وساري هن ننگي تصوير وانگر پالهو ٿي پئو، ۽ هڪ مردو ٿيجي پئو، جنهن کي ڪو به نالو نيشان نه ليندو آهي!“

هن پنهنجي لهجي کي سنجيدو بڻائيندي چيو: ”توکي اسان جي ڪاليج ۾ نوڪري ڪئي ٻه - اڍائي سال ٿيا آهن. ان عرصي ۾ مون مشڪل سان توهنجي هٿ ۾ ڪو سنڌي ڪتاب يا مخزن ڏٺي آهي. ها، توهنجي هٿ ۾ ’ٽرو رومانس‘، ’گاليا‘، ’ريڊرس ڊائجسٽ‘ وغيره آمريڪي مخزنون ضرور ڏٺيون اٿم. ۽ تون فخر سان چوندو آهين ته توکي سنڌي ڪتاب ۽ مخزنون نه وڻنديون آهن. هن کان وڌيڪ گراوٽ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ لڙڻ، دوست، تنگدلي ناهي، بلڪ اهو انساني جذبو آهي، جنهن کي ڪٿلي نٿو سگهجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاف ڪجو، مسٽر مسڪاٽي، جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو... زنده لاش آهي!"

ٽرين مهالڪشميءَ تي پهتي تہ نڪرڻيءَ چيو، "مون کي هيڊ آفيس وڃڻ لئي دل نٿي ٿئي، مان واپس وڃان ٿو." ائين چئي هو لهي ويو. منهنجي ٽئين دوست پاٽل کي خالي جڳهہ ملي ويئي تہ اتي وڃي ويٺو.

ٽرين هلڻ لڳي. منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ هئي. دماغ ۾ ڄڻ ڪو ڀونڪمپ متل هو. ديشپانڊي ۽ نڪرڻيءَ جي ڳالهين ۽ ڪارنامن منهنجن خيالن کي پاڙون کان وٺي ڌوڏي ڇڏيو. هر گهڙيءَ نڪرڻيءَ جا پويان لفظ ياد اچڻ لڳا: "پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ کي پيار ڪرڻ ۽ انهن جي حفاظت لاءِ لڙڻ انساني جذبو آهي... جنهن وٽ اهو جذبو ناهي، سو زنده لاش آهي!" منهنجي دل ۾ پنهنجي ٻوليءَ، ساهت، ڪلچر ۽ جنم ڀوميءَ جي محبت جو سمهيل جذبو جاڳي اٿيو. مون ٽرين جو دروازو کولي ڇڏيو. منهنجون اکيون دور دور ڪن وڇايل چيزن کي ڳولڻ لڳيون. سنڌڙيءَ جي ڳوٺن کي، شاداب کيتن کي، درياهہ شاهہ کي، ڍڳن ۽ ڍٽن کي، اٺن ۽ جتن کي، جهرڪين ۽ ڪونجن کي، منگهن ۽ ڪڏن کي ۽ سڀ کان وڌيڪ حيدرآباد کي، اُن جي انهيءَ گهٽيءَ جي اُنهيءَ اباڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاشم روئي ڪلهي رچ پريا. ان وقت هاشم ۽ اسان جي ڪٽنب مان اهڙو ڪوبه پاڻي نه هو، جنهن هنجون نه هاريون......

ٽرين چرچگيٽ تي پهتي. منهنجي ڪلپنا ٽٽي پيئي. واچ ۾ ڏنم ته ٻارهن لڳا هئا. سنڌڙيءَ ڪي ساربندي، منهنجو هينئون پرچي آيو ۽ اندر ۾ پيڙا محسوس ڪيم. اج اهڙي ئي پيڙا غصي جي روپ ۾ مرهٽن جي اکين مان ظاهر ٿي رهي هئي، جن کان سنڌ ن وطن جو ٽڪر کسيو ٿي ويو. مون ائين محسوس ڪيو ته سامهون ديشپانڊي ۽ ندڪرڻي مون ڪي ٻاڻ ڏانهن سڌي رهيا آهن. آءٌ سامهون ٿيار پينل "انڌيريءَ" جي ٽرين ڏانهن وڃڻ لڳس ته پاٽل چيو، "اڙي ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

"اج آفيس نه هلندس!" ائين چوندي، آءٌ وڃي ٽرين ۾ وينس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پوپٽي هيرانند اڻي

## داغ

منهنجون اکيون بند هيون. ڪنهن غيبي طاقت منهنجي من ۾ ڪجهه پٽڪيو. منهنجون اکيون کلي پيئون.

نرس اچي رهي هئي. ساڄي هٿ سان دروازي وارو پردو پوري ڪري هوءَ اندر گهڙي. سندس ٻانهن تي ٽوال سان سوگهيءَ ريشم ويڙهيل بالڪ ليٽيل هو جنهن جو ننڍڙو مٿو لونٽ وٽ لهيل آرام واري جڳهه تي رکيل هو. هوءَ سڌي ڪنڌي هلي منهنجي پلنگ جي اوڏو پهتي آئي. مان جهٽ اٿي اکيان وڏي ويس ۽ ڏاڍي اڪير مان وڃي کانئس ٻيبي ورتم... ته ... نرس اکيان وڏي آئي ۽ ٻيبي منهنجي ڀرسان اچي رکيائين. هڪ نگاهه ٻيبيءَ تي وجهي هن مونڏانهن نهاريو ۽ مشڪڻ لڳي. مان پڻ ڪيئن نه مشڪان؟ منهنجي ته سڄي وجود تي مشڪي ڏنو. نرس چيو:

Cute, very cute! Pug nosed sweet little angel!

۽ هوءَ هلي وئي.

مون ٻاسو وراڻو. هيءَ ٻوري منهنجي ٻيٽ مان نڪري آئي آهي؟ اندر ئي اندر سڀ لهي ويئي؟ ننڍڙو اکيون ... سنهڙيون ٻرون ... اڙي ڀنبڙيون به آئس؟ ۽ هيڏيون ڏڳهيون!

هن ٻنهنجو ٻڪڙو واحد ڪولي اٻاسي ڏني ... منهنجي دل کلي ڏاو.

مون ساجي ٻانهن سندس بدن (ننڍڙو ٻڪڙو ئي ته هو) هيٺان ورائي ۽ کيس ٻنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايم...

آنند جي گنگا گرگاٽ ڪري منهنجي من مان وهڻ لڳي ... منهنجي رڳ رڳ ۾ خوشيءَ جي لهر ليزيءَ سان ڊوڙڻ لڳي ...

مولکي ٻنهنجي سوڙ جو سور ته صفا وسري ويو. هن مڌر ۽ ڪومل جيو کي ٻنهنجي سيني سان لڳائڻ جي عيوض ٻالڪ پيدا ڪرڻ وارو سور ته ڇا. مان ان کان به وڌيڪ ڪائي تڪليف خوشيءَ سان سهي وڃان ها.

ٻيجيءَ ٻنهنجون اکيون کوليون. سندس منهن ۾ چرپر آئي ۽ سندس هيٺيون چپ ڦڙڪڻ لڳو ... ائين جيئن صبح جي هير ۾ پپر جي پن جو هيٺيون حصو ڏڏندو آهي ... پٽ پٽ پٽ ... پٽ پٽ پٽ ... هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ پوءِ آواز آيو، اوُ ...هان... اوُ ... هان ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجو منهن هن جي ڳل جي ويجهو آندو. تمام هلڪيءَ ريت سندس ڳل تي پنهنجا چپ رکيم. اَهڙي نرم جهڙي گلاب جي پنکڙي! پر کهڙي نه منني آهي! مکڻ جي ڳنڍي آهي يا کنڊ جي پوري؟ هيءَ کپهه ۽ ريشم جي ملاوٽ مان نه ڪين ٺهي آهي؟

هن مان جيڪا بوءِ پائوڊر جي سرهاڻ اچي رهي هئي سا منهنجي نڪ مان لنگهي منهنجي دل ۾ گهڙي وئي ۽ منهنجي دل سچي جي سچي خوشيءَ جي گلال سان رڱجي لال ٿي پئي.

مون سندس لوڙ ڇميو. هن اکيون کوليون ۽ تارا ڦيرائڻ لڳي. سندس سڄو بدن ڪر موڙڻ لڳو ۽ هوءَ سنهڙو مٺڙو آواز ڪرڻ لڳي، ڪوُن ... هون ... ڪوُن ... هون ...

منهنجي دل ۾ ڪتڪتالي ٿيڻ لڳي. هيءَ منهنجي آهي ... منهنجي دل جو ٽڪر ... منهنجي زندگيءَ جو چراغ ... منهنجي ناري هرديه جي اَڻ پورائي کي پوري ان جي ڪاڻ لاهڻ وارو اُتش ...

مون سندس پيڙيل هٿ کوليو ۽ اُن تي پنهنجون اکيون رکي ڇڏيم. هڪ عجيب لسڪمن... هڪ عجيب راحت ملي رهي هئي مونکي ...

هيءَ منهنجي راحت آهي ... مون هن کي ڄاتو آهي ... منهنجي دل ٺنڍي ٺٺي ٿي پئي ڇڻ ...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سندس متي لي پنهنجو هٿ رکيو. او... ڇا هيءَ نه ٿيڻ سان پيٽي ساهه کڻي؟ هي ڀڳوان! تنهنجا لک شڪرانا! هن کي ڳالهه ٻڌي پر تو منهنجي مدد ڪئي يا مون تنهنجي... ڪيئن به هجي... تنهنجي وڏي مهرباني...

پردو ڏڏيو. ٻي نرس اندر آئي. هن ڇهو ته ٻيبيءَ کي پنهنجو ڪير پيار... هئڻ بدران ڦيرائي هن منهنجي پلنگ جو مٿيون حصو مٿي ڪيو ۽ ٻيبي کڻي منهنجي گود ۾ رکيائين. هوءَ منهنجي پر ۾ ويهي رهي... ٻيبيءَ جي ڳل تي لڳڪي هٿي هن ڪيس جاڳايو.

ننڍڙو واڪ منهنجي ڇاتيءَ کي ڀڪڙڻ لڳو... منهنجي من ۾ ترلڪون اٿيون... نه اهي لهرون هيون... لهرون به نه... اهي نه وڏيون ويرون هيون. سالن کان ترقندڙ مانڙ هوندي ۾ اٿندڙ ممتا جون ويرون...

مان هڪ ٿانءُ ڀڄي پيس... ممتا جي صاف ۽ اوجل جل سان ڪناري تائين ڀريل هڪ ٿانءُ... هڪ گهٽ (دلو)... ٿانءُ اونڌو ٿي پيو هو ۽ ممتا هارجڻ لڳي هئي...

ٻيبي وري سمهي ٿي پيئي... اسان ڪيس ور ور ڪري پئي جاڳايو. نرس ڇيو هاڻي پاسو بدلاءِ. هن ٻيبيءَ کي ڦيرائي پئي پاسي ليٽايو. اوچتو منهنجي نظر ٻيبيءَ جي ساڄي پاڻهن تي پيئي اتي داغ هو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسطيل آڪار وارو گھاٽي ناسي رنگ جو داغ!

منهنجو هٿ ٻکوڙجي ويو ... مان بيبيءَ کي ڪيئن پياري نه سگهيس ... منهنجي هٿ ۾ ڇڻ سگھ نه ئي هئي ... هٿ ۾ نه ئي ڇو، منهنجو سڄو بدن لستو ٿي پيو هو ...

نرس عجب مان مونڏانهن نهاريو. مون چيو، ”مان ٿڪجي پيئي آهيان ...“

بيبي سمهي پيئي هئي ... نرس کيس کڻي ويئي. منهنجو پتي ڪلڪتي ويل هو. کيس تار ملي نه پهچندو آيو. بيبيءَ کي هنج ۾ کڻي هو ٿهڪ ڏيڻ لڳو. سال ٿيا. هن مونسان ڪلهه ڇڏي ڏنو هو. پتي ڪنهن سان ڪلندو هو ۽ مان سامهون اچي ويندي هيس نه سندس ڪل انهن بند ٿي وينديون هيون جنهن ڪنهن سٽيچ کي دٻائڻ سان بتي وسامي ويندي آهي.

بيبي ڪير پيئندي نه هو سندس Crib مٿان وڃي بيهندو هو ۽ جهنجهٽو وڄائي سُر ۾ ڳائيندو هو، ”جهڻ ... جهڻ جهڻ ... جهڻ ... جهڻ جهڻ ...“

ڪڏهين بيبيءَ جي چپن تي آڱر رکندو ته ڪڏهين پنهنجا چپ ٻاهر ڪڍندو هو ۽ پوءِ ڪندو هو، گل گل گل گل گل گل ...

بيبي اُسان ٻنهي جي وچ ۾ ليٽي پيئي هئي. هن پنهنجي ٻانهن وڌائي منهنجي ڳلي ۾ وڌي ۽ چيائين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيٻيءَ جو نالو رکون ٿا 'ملن'. هيءَ آئي آهي ۽ اسين ٻئي ملي ويا آهيون ... ٻه ڄڻا، ٽيئي ملي ويا آهيون پاڻ ۾ ...

منهنجو ساهه منجهڻ لڳو. ڪنگهڻ جو بهانو ڪري مان ٿورو پري سرڪي ويس ۽ پاسو ورائي ڇڏيم. منهنجي نظر هن جي نظر سان ملڻ کان ڇرڪڻ لڳي ...

هڪ ڏينهن ٻيٻيءَ کي سنانُ ڪرائي، ڪمس ٽوال لي رکي اگهيم. پوءِ مٿانئس پائوڊر ڇڙڪائڻ لڳيس. پيٽ تي ۽ پٺيءَ تي ... ٽنگن تي ۽ ٻانهن تي ...

مون سندس ساڄي ٻانهن کنئي ۽ داغ مٿان پائوڊر وجهڻ لڳيس ...

"ڇو؟! برٿ مارڪ (Birth Mark) کي پائوڊر سان ڪيئن مٽائي سگهندينءَ؟" هن پٺيان ايندي چيو.

مولڪان ڇرڪ نڪري ويو! پائوڊر جو ڏٻو منهنجي هٿ مان ڪري پيو ...

هو ٻيٻيءَ جي پرسان ليٽي پيو هو. ٻيٻي جاڳي ۽ هن جي پيٽ تي پنهنجو مٿو رکي هن جون ننڍڙيون ٻانهون پنهنجي ڳلي ۾ وڌائين ... ۽ پوءِ ڪنڌ ٿورو مٿي ڪڍي هو هن جي ٻانهن واري داغ کي چتائي ڏسڻ لڳو.

مان اُلي ٻئي ڪمري ۾ هلي ويس. مولکي ڊپ لڳي رهيو هو ۽ مٿان منهنجي دل جي تيز ڌڙڪڻ جو آواز هو پڌي ۽ وٺي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻئي ڪمري ۾ آيس نہ هو نہ ٻيبيءَ کي ڪٺي اُٿي آيو. منهنجي ڏڙڪڻ جڻ ٻيهي ويٺي گهڙيءَ پل لاءِ!

هو مونڏانهن گهور ڪري نهارڻ لڳو. مونکي لڳو جڻ هن جي نهار تيز ٽارچ آهي جنهنجي روشنيءَ ۾ هو مونـ۾ ڪجهہ ڳولهي رهيو هو. مـون منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو. هو کلڻ لڳو...

رات جو مونکي ننڊ نہ آئي. سڄي رات پاسا ورائيندي رهيس.

خبر ناهي ڪيڏي مهل مونکي جهوٽو آيو. اوچتو منهنجي اک کلي پيئي ڏسان نہ هو منهنجي ٻـِـرو ۾ آهي ٿي ڪونہ. اُٿي بتي ٻـاريم. ٻيبيءَ جي Crib خالي پيئي هئي! ڏڦ جي طوفان سان منهنجو مـن گهيرجي ويو.

منهنجي ٽنگن مان ستـ موڪلائي ويو ۽ مان زمين تي ئي ويهي رهيس... مون رڙ ڪرڻ ٿي چاهي پـر منهنجي زبان مان ڪو بہ آواز ڪين نڪتو...

مان هوش ڪوهي ويٺي هيس پـر منهنجي اکيان نظارو بلڪل صاف هو...

ڏک گهڻت سال ٿيو...

دهليءَ ڪاڻ بمبئي وڃي رهي هيس. منهنجي ٻئڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بيمار هجڻ جي تار آئي هئي.

ڪيس آفيس ۾ ضروري ڪم هو. اسٽيشن تي منهنجو ڏيو ڏيراڻي ڇڏڻ آيا هئا.

زناني سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ اسان ويٺيون هيون. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته ٻئي بمبئي تائين هلڻيون ڪولهڻ. وچ تي ئي لهي وڃڻيون هيون. منهنجي ڏيو چيو، "مرداني گاڏي ۾ هلي ويهه. اُتي هڪڙا ٻيا لهندا ته ٻيا ٻيا چڙهندا. پنج ڇهه ڄڻا ته هوندا ئي هوندا. پوءِ ڊپ ڪهڙو؟ وري به مان ڪنهن کي پارس ڪري ٿو ڇڏيان."

مان گاڏيءَ ۾ چڙهيس. ڪوليءَ سامان رکيو. منهنجي ڏيراڻيءَ جي هڪ ساهيڙي اچي لنگهي. بيهي ساهڙين ڳالهايو.

ڪوليءَ ٽنڪ مٿي رکي ۽ ٿيلهو ان جي مٿان رکيو.

"ڏيراڻ کي گهڻا ٻار آهن؟"

"ڪٿي؟ ويچاريءَ کي ٻار ڪٿي آهي؟ ڏهه سال ٿيا اٿس شادي ڪئي... آپريشن ڪرائڻ... ڏس پتا پڇائڻ.. سوڻ ساٽ ڪرڻ... ٻر پاڳ ۾ ٿي ڪولهيس."

ساهيڙيس ڪليو ۽ آهستي چيائين، "سنڌ هوندي ته جڻيندي وري ڏوڙ..."

منهنجي ڏيراڻيءَ منهن هوڏانهن ڪري شرارت وچان اکيون مچڪائي کلي ڏنو. (هن کي چار ٻار هئا).

مون پڇو به ۽ ڏٺو به. مٿئين ڇپ کي ڇڪ پاڻي مون ڳوڙها ڳهي ڇڏيا. تڏهين به هڪ قطرو وهي آيو... اُلي مٿي رکيل پٽڪ کي سڌو ڪري سرڪڻ جو بهانو ڪيم.

هن منهنجي من روپي گهر ۾ طعني روپي چڻنگاري اُڇلي ڇڏي هئي. من جلڻ لڳو ۽ دونهون منهن تائين هليو آيو. اهو دونهون ڪيئن ڏيکاريان؟ مان مُنهڪڻ لڳس. ٿورين ڏڏي ۽ مان زور زور سان ههڪ لوڏڻ لڳس. پر جيئن ئي ڏيرُ ڏيراڻي اکين کان پريرا ٿيا مان سڏڪي پيس! اڳرين مان جو پاڻي ڇلڪيو سو اصل بس ئي نه ڪري!

ٿورين اڳا پليٽفارم تي لنگهي رهي هئي. منهنجو منهن دريءَ کان ٻاهر هو. ڪيترن ماڻهن ڏٺو. هُنن سمجهيو هوندو ته ڪنهنجي وڇڙڻ ڪري روئي رهي آهيان. هُنن کي ڪهڙي خبر ته مان اڻ پوري عورت آهيان ۽ پنهنجي ڪاڻ ئي روئي رهي آهيان! منهنجي دل جڻ هڪ ٻرندڙ ڪاٺي هئي... اکيان منهن وٽ جلي ۽ جرڪي رهي هئي... ٿڪي ۽ سمي رهي هئي...

جڏهين هيانءَ ڪجهه هلڪو ٿيو تڏهين منهن اُندر ڪيم. ڳاڙهين اکين ڪري مونکي لڄ اچي رهي هئي. ڪنهن به ڪونه مون ڏانهن نهاريو پوءِ به مان ائين سمجهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي هيس ته سڀ منهنجون زال اکيون ڏسي رهيا آهن.
مان ہاڻ روم ۾ هلي ويس.

موٽي اچي پنهنجي جڳهه تي ويٺس. سامهون ٻه ماڻهو ويٺا هئا. هڪ ٽنگون مٿي ڪري، ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو، ٿورو ڏسي، اکيون بند ڪري ٿي ڇڏيائين. ٻيو جنهنکي منهنجو ڏيڍ منهنجي پارت ڪري ويو هو، اخبار پڙهي رهيو هو. مان ويٺس ته هن اخبار ٽان منهن هٽائي مونکي ڏٺو. وري اخبار پڙهڻ ۾ لڳي ويو. مان کيس جاچڻ ۾ لڳي ويس.

سٺ سالن کان ڪنهن ٻه حالت ۾ ننڍو نه هوندو... اکيون ننڍڙيون ۽ ڪهڙيون نه تيز اٿس! سوٽ ته سٺو پيو اٿس... اچا ٽاءِ ٻه مٿيچ پاتي اٿس؟ ڪاري ڪمپليٽ سوٽ ۽ اڇي خميس تي اڇي ڪاري ٻـٽاٻٽي ٽاءِ... مٿي جو اڳيون اڌ صفا لسو... حيدرآباد جي ٽڪريءَ جهڙو... ۽ پوءِ ـ ون اڌ... ڪجا پڪا چٽرا اڇا ڪارا وار... نڪ ننڍو ۽ چهنبدار...

پر ٻه مان کيس ڇو ويٺي جاچيان؟ ته... اٿين ني ٿي چوان. اکيون، نڪ ۽ وات ننڍڙا ۽ نفيس اٿس، جيڪر زال کي اهڙا روش وڏيڪ سٺا لڳن... هي مرد نه پر زال هجي ها ته ڪيترو لڳي ها؟

مون ڇپن تي ڇپن ۾ هلڪو ٿهڪ ڏٺو. هن مونڏانهن هڪ تيز نظر اُڇلي... اوهه... اکيون اٿس يـا ڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندڙ ڇهنبوڙ آهن!

هڪ ڪن لاءِ منهنجي پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ ڏب جي هڪ هلڪي لرزش پيدا ٿي. ٻه آڱريون منهنجي ڏيرانڀيءَ جي ٿلهيءَ پري لڳا هن، سندس ساهيڙيءَ جو طعنو ياد آيم... هڪ نوڪيدار سوئو منهنجي سيني ۾ چڀيو ۽ مونکي درد ٿيڻ لڳو... مولڪان هڪ ڏکهو ۽ گهرو ساهه ڪڍي ويو!

هن شخص وري اخبار تان منهن هٽايو. هن دفعي هن جي نگاهه ۾ همدرديءَ جو پيار هو. هُو مونکي ڇتائي ڏسڻ لڳو...

مان پنهنجي خيالن ۾ ڪوهجي ويس... ٻار ڪونهي انڪري منهنجو گهوٽ مونکي پيار ئي نه ٿو ڪري... هر گهڙيءَ چوي "گهر ۾ ڇا ويٺي ڪريان؟... ڪمايان ڪنهنجي لاءِ؟... ٺهيو اَڄ آفيس ۾ نه ٿو وڃان... آخر پئسان ڪير وٺو آهي جنهنجي لاءِ پيو گهان؟...

ٻه هن انگريز ڊاڪٽر کان ڄاڃايم ٿيهن نه ڇيو نه خرابي ڪانه ڪانهي. اوهين تمام گهڻي چاهنا ٿا ڪريو انڪري ئي ڪڏهين اڻين ٿيندو آهي...

هن شخص هٿ وڌايو. آڱور آڇيندي چيائين... ..."Please"

مون هڪ ڳڙي ڪنڌي ۽ چيم Thank you ... مان راند جو ٽرين ۾ ڪجهه ڪان ئي ڪمن... ۽ انگور؟

اِهو نه گهر به ڪانبو آهي... ٽوڻن به مان ٻاهرئون گند ڇڻ ... ٽڪوڙا ڏڪوڙا ڪانپيندي آهيان ...

ٻه هيءَ ڪيڏي مهل ڪمرا مٿانئي آيو؟ ڪير جهڙا اهڙا ڏولڙل ڪمرا ... آڏٺي جو چولو ۽ هيٺئين جي پتلون ... آگريون ۽ ڏکيون سنهيون اٿس ... ٻيو منهن تمام ننڍڙو اٿس ... اُن به وري ڳهنج جو اٿس سو ڇتاني نهارجي ... نه باندر پيو لڳي ... باندر خود نه نه باندر جو ٻاڻ ٿي سگهن ...

مونکي مزو اچي رهيو هو .. هو پيو شخص مٿي هند وڃائي ويٺي سمهيو. هيءَ مٿڪيڙن ڪيڏي پڙهڻ لڳو. مٿڪيڙن ۽ ڪتابن سان ٿيلهي ڀري ڪنڌي هيائين...

مان ٻه ڄڻا مٿي وڃي سمهان... خالي پيو آهي پوءِ. هيٺئين ٻرائي مرد جي سامهون ڪيئن سمهيو؟ ٻه ڇڙهان ڪيئن؟ هيڏو مٿي منهنجي ٽنگ ڪڇندي؟ ... نه ... هڻ ڪلندو ...

مون بسترو کوليو ۽ هيٺ ئي وڇايم. ڪجهه وقت دريءَ کان ٻاهر نهاريم... ۽ پوءِ چادر سان پاڻ ڍڪي پاسو ورائي سمهي پيس ...

مون محسوس ڪيو ته منهنجي ڍڪيل بدن تي ڪنهن جون اکيون کتيون رهيون آهن. ٻه مونکي ڏسپ ڪمن ليو. کهڻو ڪري مردن جي اها عادت ٿيندي آهي- سمهه ٽچڪٽ جو رخ اختيار ڪري ڪي اکين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊن سان ڏسندا آهن ته ڪي مٿاڇرو ... پر نهاريندا ضرور آهن ...

ڊپ ته ڪين ٿيم پر لڄ اَلبت آيم پئي. گاڏي ۾ گهڻيئي ماڻهو هئا ... سامهون مٿئين برٿ تي پڻ هڪ ماڻهو هو ... هي به ته اَسيمه نه ٿي لڳو ... وڏي ڳالهه. جوان به ڪين هو ... (هاڻي جوان ۽ ٻڍي بابت اڳوڻو ويٺل خيال صفا بدلي ڇڏيو اٿم).

چادر اَندران گهڙيءَ ٽڪ پئي ڪنهن نه گهڙيءَ ٻارهن ... ننڊ ٿي نه پئي آئي ... منهنجي حياتي به گهڙي آهي؟ ڀلا گهڙي ڪم جي؟ خالي ته آهيان ... ٻڌهين ته منهنجو گهوٽ مونسان ڪلهي به ٺٺو ڳالهائي ... ڏيراڻي ... مونکان ٿي نندي ... پاڻ ته ٺٺولي ڪري ٿي پر سندس ساهيڙي به منهنجو مذاق ٿي اُڏائي! زندگي ڪيتري نه ڪوڙي آهي! فقط هڪ ٻار ... ڏس ساوڙيءَ کي ڇهه ٻار آهن ... هن کي پنج ۽ مونکي ڪٿي هڪڙو هجي ها ... ڀڳوان هيئن ٻاسخاطري ڇو ڪندو آهي؟ ڪين حساب ڪتاب رکڻ ڪين ٿو اچيس ...

شايد اَک لڳي ٿي ويئي. پاليان ٿي رات جو پوڻو ٻهر هو ... دريءَ کان هلڪي هير لڳڻ شروع ٿي هئي ... ٿڌڪار به هئي ... مون چادر ڪڍي ڪلها ٿي ڍڪيا ... اَڃا ڪافي اَنڌيرو هو ... جيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چادر ڪنهن نه ڏنو هوءَ منهنجي ڀرواريءَ ڪان وٺو هو!

هن ڏٺو نه مان جاڳي آهيان... منهنجي ڀر ۾ پنهنجو هٿ رکيائين... مون پنهنجو ساهه روڪي ڇڏيو... خيال آيو ته لت هڻي ٻري ڌڪي ڇڏيانس...

من ۾ وڃي شيطان جاڳي پيو... سنڌ ۾ نه آهيان! پوءِ... مان پسيني سان تر ٿي ويس...

هوءَ چادر لاهي ٻري ڪرڻ لڳو. منهنجي دل ڌڙڪڻ لڳي... اٽڪڻ لڳو ساهه کڄڻ لڳو...

هو منهنجي مٿان جهڪيو... مون ڪو به ورونه نه ڪيو!

گاڏي پليٽفارم تي بيٺي... اسٽيشن جي روشني گاڏي اندر آئي... سامهون مٿين برٿ تي ماڻهو ڪونه هو... گاڏي ۾ صرف ٽي ڄڻا هئاسين... هوءَ، مان ۽ پوڙهو... گهٽو پريان... هڪ ٽيون ننڊ ۾ ستل...

هوءَ پنهنجي جڳهه تي سمهيو پيو هو. صبح جي روشني ڦهلجي رهي هئي... هن ڏاڍي بالهن ڪنڌ جي هيٺان رکي هئي ۽ ساڄي ٻانهن منهن مٿان ورائي رکي هئائين... اُن تي هڪ داغ هو... مستطيل آڪار وارو گهاٽي ناسي رنگ جو داغ...

... ... ...

”هي ڇا؟ ڪري پيتي آهين يا ٻاڻمرادو پٺ تي وهي رهي آهين؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ٻيهي ۽ ڪي هنج ۾ ڪٺي اندر گهڙيو ۽ ڪلاڪ لڳو...
مان پاڻ سنڀالي اٿيس ۽ ڏانهس وڌيس...
”ڪنگهيائين پئي سو پساهه ڪٺي ويٺو سانس... چمڙ
معان ماڻس جي لڏ ڦٽي پوي...“
ٻيهي هن جي هنج ۾ ٿي هئي! مون ٻانهون ڦهلائي
ڪٺي ٻنهي کي ٻاڪر پاتو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايشور چندر

## ڪارونير- متودرد

ڪهاڻيءَ جي نائڪا جو پتيءَ ڏانهن هڪ خط:

منهنجا پيارا پتي ديو!

شال خوش هجو.

توهان ٻي شادي ٿا ڪريو. مان اُن تي خوشي ظاهر ڪريان يا ڏُک، اِها ڳالهه نه پنهنجي پاڻ کان پڇي، ٻوءِ ٿي روئنديس يا ڪڏهن هٺنديس. ٻي حال نه اخبار ۾ توهان جو اشتهار پڙهي، توهان کي هڪ خط لکان ٿي. اُهاڳڻ جواب پالڻ جي لائق هجي نه جواب ضرور ڏيندا.

ڪالهه توهان جي پاڙيسرڻ آئي هئي، چيائين، ”فلاڻو ٻي شادي ٿو ڪري.“- مان پيڪن ۾ ٿي رهان، اِهو ڇا منهنجو ڏرياڳ ڪولهي ۽ مٿان وري پاڻ جو هي بيو پارانو.

توهان چيو هو، ”امان جي ۽ تنهنجي پاڻ ۾ اڻبڻت ٿي رهي اِن ڪري بهتر آهي، نه توکي ڪجهه ڏينهن لاءِ پيڪي ڇڏي اچان.“ مان ڀولي ڀالي، ڀلا ڇا ڄاڻان؟ نه توهان جي اِن سڌي ڳالهه ۾ به ڪو راز هوندو. مائٽن سان ملڻ جي خوشيءَ ۾، مون ڪيئن نه، جهومندڙ وڃڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو دفعو ساهري گهران. مرڻ کانسواءِ منهنجي ڏولي ساهري گهران پلا ڪيئن ٿي نڪري سگهي؟ اهو خيال ايندي ئي، توهان کي چنبڙي پيئي هئس. ياد اٿو؟ پوءِ توهان ٿڪي مرڪ مرڪي چيو هو، ”اڙي، هيئن هيسجي ڇو ويٺي آهين؟ تو سچ سمجهيو ڇا؟ ڇرِي! مون نه مسخري پئي ڪئي.“ پلا اهڙي به ڪا مسخري؟- پر هاڻي سمجهان ٿي، اُها سچ پچ مسخري هئي. منهنجي هن، قتل ڀاڱي سان مسخري!

هڪ ڏوراپو ٿي لکان:

هن کان اڳ الائجي گهڻا خط توهان کي لکيا اٿم. ڪڏهين ڪو جواب ڏنو اٿوَ؟ توهان مونکي ڀلي وساري ڇڏيو، پر مان ڪو وسارڻ واري آهيان؟

تنهن ڏينهن هڪ ڇوڪريءَ جي لکڻيءَ ٽي ڪل اچي ويم. لکيو هئائين:

او منهنجا پرينتم،
جڏهين بهارن ۾،
ڦگڻ جي ڏهاڙن ۾،
ڪوئل ڪوُ ڪوُ ڪري ٿي،
تڏهين تون ياد اچين ٿو.

او منهنجا پرينتم،
جڏهين،
نيم بجلي چمڪي ٿي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ،
پادل بولندو ن تا ورسائين ،
تڏهين ،
او منهنجا ساجن !
تون ياد اچين ٿو.... ۽ وغيره وغيره ۔

پيا اِها به ڪا پريتم لاءِ پريت آهي ۔ پريتم ته ڪن ڪن پل پل ۾ ياد رهندو آهي ۔ رڳو رڳو ۽ لس لس ۾ اُن جي ياد جو واسو هوندو آهي . پوءِ اِها پيا ڪهڙي پريت ؟ جو ڪڏهين ڪڏهين پريتم ياد ايندو آهي ۔ سو منهنجا راڻجهل! مان ته پل پل ۽ ڪن ڪن ۾ پيئي توهان کي ساريان ۔ توهان پل وساري ڇڏيو ۔ پيا ڪنهن جي ياد ۾ تي ڪنهن جو ڪهڙو حق؟ توهان پلي وساريو، پر مان ڪو وسارڻ واري آهيان ؟

منهنجا ديو! ڪالهه جڏهين منهنجي ننڍي ڀاڄائي اَمان کي سنجها جي وقت پيرين اچي پيئي ، تڏهين اَمان ڪيڏو نه قرب مان آسيس ڏيئي چيو هوس ، ”سدا سهاڳڻ هجين – شال راڄ ماڻين.“ ۽ مونکي ياد آهي ته اُمين! هڪ دفعو ڪنهن منهن جي موڙ ۽ همت جي لوڏ سان چيو هو، ”هؤن! اهڙيون به ڪي ننهرون، جڻ گهر تي راڄ ڪرڻ ٿيون اچن.“ اوه! هڪ ’راڄ‘ اکر ۾ به ڪيڏو نه فرق آهي۔ هڪ سس اِن اکر کي وردان ٿي سمجهي ، ۽ ٻي سس پاراتو ۔

منهنجا راجا! هڪ چوٽي ياد ٿي اچيم، چوندا ڪولهن ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪنواري سؤنهي گهر سان، پرڻيل سؤنهي ور سان“-
سو توهان خود ئي سوچيو تہ توهان ڪالسواهہ هتي ڪهڙي
نہ ويڳاڻي لڳندي هونديس؟ ۽ اِلي توهان سان ڪهڙي
نہ سوياري لڳندي هئس.

هتي جڏهن ڪا زال امان کــي چوندي آهــي، ”ادي! هيءَ ٿــي اُها ڌيءَ اٿيئي، جنهن کي مــڙس ڇــڏي ڏنو آهي؟“ ذرا سوچيو تہ، اُن وقت منهنجي من تي ڇا گذرندي هوندي. امان جي شڪل اُن وقت اهڙي ٿي ويندي آهي، ڄڻ اجهو چيڪي، اجهو روئي. پوءِ وري بہ دل تي پٿر رکي چوندي آهــي، ”هــا ادي!“

۽ خبر اٿو هتي ماڻهو مون لاءِ ڪهڙيون نہ گهٽ وڌ ڳالهيون ڪندا آهــن. ڪنهن چيو، ”پــڙهيل ڳڙهيل چوريون آهن. سمجهن ٿيون تہ آهيون ئــي اسين. سج چنڊ ڄڻ اُبرن تي اُلهن وٽان ٿا. مڙسن سان نهي هلن تہ مڙسن جي ڪا ڏکڙي لڳي آهي جو جوئن کي ڇڏي ڏين.“ ٻڌايو! آهي ڪو اُنهيءَ ڳالهہ ۾ سچ؟ ڪڏهن مون توهان کي چيو هو تہ مان هيٺري پڙهيل آهيان؟ ڪڏهن مون توهان کــي ڪجهہ گهٽ وڌ چيو هو؟ پوءِ ڀلا ماڻهو اُئين ڇوٽا چون؟

ڪنهن چيو، ”چوري ڏيو سان نهي ويئي. اڪري مڙس ڪئي ڇڏي ٻس.“ ٻڌايو اهڙيون ڳالهيون ٻڌي الله ڪيئن ٻُجهنــدو؟ اميءَ ڪان سواءِ ٻيو ڀلا ڪنهن اُها ڳالهہ

ڦٽي پيو آهي."

مهراج چيئيون پنهنجي چيو هو، "هيءَ لياڻي نه لوهاڻن جي گهر کــي لاهڻي ٿي ڪوا... شاديءَ وقت ڇلهيون ڪوڙ پيتايون هئو ڇا؟"

لڌهين امينءَ چيو هو، "اــ ادا! لڌيــلاڻ ۾ شادي ڪرائي هئيسين." ساعت رکي وري امينءَ مهراج کــان پڇيو، "پلا، مهراج سوامي! اهو نه ٻڌاءِ، نه هيءَ مرندي ڪڏهين؟" لوهاڻ ٿي ٻڌايو، هيءَ به ڪو سوال آهي؟ مون پــر واري ڪوليءَ ۾ سڀ ٻڌي ٻڌو. اُن وقت دل رکو اٿين چيو هو، "ڪهڙي سس آهي هيءَ؟"- خير.

وري به ٺيڪ آهي. دل لي اهي سڀ زخم سهندي آيــس. کوڙها پيئندي رهيس. راڪ جو جڏهين سڀ سمهي پوندا هئا تڏهين ڪڏهن ڪڏهن لڙڪ به هاريندي هئس. وهاڻي جي ڇوڙ ڪتان آلــي لــي پوندي هئي. اهو به سنر. پر هي لوهاڻ جو وڇوڙو لئي سهاري سگهان.

لڌيلاڻ وقت ويڌي نه ٿي ڪوڻه هئي. اُن ڪري انجام اقرار به ڪوڻه ٿيا هئا. پـــر ها، صرف هڪ دفعو گردواري ۾ باني جي اڳيان ڪيل وچن کي نه ياد ڪريو. وچن کي پاڻي ڏيڻ نه پوري رهيو، رڳو هڪ دفعو وچن کي ياد نه ڪريو.

آخر ۾ ٻه اکــر ٻيا به لکان ٿي. ٻڌو اٿم- لوهاڻ ٻيءَ شاديءَ لاءِ هڪ ڇوڪري ٻـ چونڊي آهي. مبارڪ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو بہ ٻڌو اٿم تہ ڇوڪري ڏاڍي نازڪ آهي. شايد اُن جي نازڪ هٿن جي ڪارڻ نــي توهان اخبار ۾ اشتهار ڏنو آهي-"ضرورت آهي هڪ مائيءَ جي جا ٻارڙي ٻڪي ۽ ٻاسڻ ٻهارِيءَ جو ڪم ڄاڻندي هجي-"....... جيڪڏهين ائين سچ آهي ۽ هن داسيءَ کي ان جي لائق سمجهو تہ هيءَ لماڻي ٻانهي، شيوا لهِل لاءِ حاضر آهي.

توهان جي دل جي راڻي تہ ٿي نہ سگهيس- ٻلڊ ٿي جي راڻي ٿي سهي. پنهنجي پتيءَ کي هڪ نازڪ پتنيءَ سان ڪل چرچو ڪندو ڏسي اهو مٺو درد بہ هڪ دفعو سهي ڏسان.

شيوا ۾،
توهانجي چرنن جي داسي
راڌا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪي. ايس. پالاٽي

## پرڀاءِ ڪرانتي

ٻڍڙيءَ ماءُ اُس اچي براهمڻي ٻوها کي ڇهيو ته هن جو سارو سرير ٽجلا ڪڍڻ لڳو. هن جي ڳول ڪراڻ ۾ ڪاڻي جون چوڙيون اُس جي ٽڙڪي ۾ سون جيان چمڪڻ لڳيون ۽ جڏهن هن جا هٿ ٻرلين کي ڳول ڳول ڦيرائي ڪين ٽلڻ لڳا ته. چوڙيون جهڻ جهڻ جو مڌر راڳ ڪڍي اچڻ لڳيون. اُن راڳ مان ڪيس رس اچڻ لڳو ۽ آلدر واري چيس ته اِهي ڪاڻي جون ڪڙيون ۽ لاهه ڇو ته اُن ڪيس مان لوڪي پنهنجي پٽيءَ جي ياد ٿي اچي. ٻر ڇا ڪري؟ چوڙيون جو ڪيس وڏيون تي سو ٻانهن ڪنهن ڪڍي مٿيرو ڪيائين.

ڪرت ڪار مان فرصت پائيندي تي منهن مٿي ڪيائين ته پنهنجي لوڙ لي وارن جي هڪ ڇڪ جو اَحساس ٿيس. ڇڪ وڏي وڏي ڪڍي وارن ۾ اَنڪايائين. ٻر ٻانوري اَلجهي اَلجهي ڪري پيئي. خيال آيس ته ڇاڻي کي ڪنگهيءَ سان ڪڍي ڇڏيان ۽ سچ پچ ڪنگهي ڪڍي درسيءَ اَڳيان ڪيائين ته اُن ۾ ونيه ڪمار جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عڪس ڏسي هلڪو ڇرڪ ڀريائين.

"مها ٻاپ! سمنڊ کي ٻڪاڙڻ مها ٻاپ آهي."

چنڊ گل کي چمي ڪنهن ٻئي ٽاڻ ڪيو. ٻڪڙين ۾ لرزش آئي. گل شرمائجي، پنکڙيون پاڻ ڏانهن سوري ڪٺي گهونگهٽ اوڍيو.

"همت ٻري ڪر، ونيه ڪمار، اُن جو بار مان سهي نٿي سگهان."

"منهنجو وس هلي ته هوند ان همت کي ڪپي ڇڏيان."

"ڀورين يوڄن ڪائي وٽ. پوءِ جئن تنهنجي مرضي."

"براهمڻي، ڏاڍي ڪا ڪنور آهين."

جنهن لي هن ونيه ڪمار جي منهن ۾ نهاري سوچيو، وڏوا جو آهيان. ڪنور نه ٿيان ته هوند وهه پر وهي وڃان. ونيه ڪمار همت کان ڇڪيس ته ڇڏائي ورتائين.

"آڙي ٻريا، تنهنجي دل ته ڇا پر همت به نرڏئي تي پيا آهن."

اَڪيون ڦرڙائي اُتان ڪسڪي رنڌڪي ۾ ويٺي ته اُتي ڪنهن ڪتي جي پيرن جا نشان ڏسي سرائجي ويٺي. ٻاهر آئي ته ڏٺائين ته هڪ ننڍڙو ڪتو چانڊڻ لي ٻراجمان آهي، جنهن جا پورا ميرانجهڙا وار آهن، ڦاڪدار سرماني اَڪيون ۽ گدڪڙو بدن. ڪي گهڙيون ته ڪتي کي ڏسندي رهي ۽ ڪتو به ٻنا ڇُرڻ پُرڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو سرُ ڪنهن چقمق جي ڪشش ۾ ديوار طرف ڇڪبو ٿي ويو. هن جا هٿ ۽ پير جڻ ڪڙين ۾ اٽڪيل ٿي رهيا، ڪيس سانوڻ جي گهٽائن جيان ڪلهن تي ڦهليا ٿي رهيا. هن جي بدن جو خون هن جي ڇهري طرف سڙندو، پيڙا ۽ ويدنا کان سرخ لال ٿي ويو هو... ۽ اوچتو ڪراڙ جو تصوير ۾ ڦهڪو ٿيندي چوڙين جهڻ جهڻ ٿي وئي. تصوير جي ڪاٺي ۽ ڏار ٽٽي ويا. پوءِ ڏڪي ويئي. دل ڌڙ ڌڙ ڪري وڄڻ لڳس ۽ سرڳ ۽ سون سمون ڇيڻ لڳس ۽ ٿڌو ساهه کڻي مڇيءَ وانگي ٻه ٽي ۽ چڪر اچي ويس.

هيل تائين هن اَن جل نه ورتو هو. سو زندگي ۾ آئي ته هلڪو ڇوڪ پرچي ويس جو ولي ڪمار لاءِ جا ٿالهي ٻاٿي رکي هٿائين سا صاف لڳي پيئي هئي. هن ڏٺو ته ڪتو پوڄن جي سواد کان اڃا به منهن تي زبان ڦيرائي رهيو هو. هن کي ڪتي تي ڪروڌ آيو، پاڻ تي ڪروڌ آيو ۽ ولي ڪمار تي ڪروڌ آيو. ڪتي کي ٻاهر ڪڍي، ٻي ٿالهي ٻاٿي کاڻڻ لڳي. هوءَ کائڻ لڳي ڦلڪي ۽ سبزيءَ جو ذرو ذرو، چانور ۽ دال جو ڪٽو ڪٽو — ڏندن ۾ چباڙي چباڙي، چاڙين ۾ پيسي پيسي، هن سمجهڻ ٿي چاهيو ته هن جي هٿ جو پوڄن ولي ڪمار کي ڇو سوادي لڳندو هو. هو ڇو سدائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دال جا ٻڪ پوري چوندو هو، ”براهمڻي، تنهنجي دال
جا ٻڪ پوري ٻاڻ لي ٻاپ چاڙهيندو تو رهان، ٻر ڇا
ڪريان، تنهنجو لذيذ ڀوڄن تو لالچائي.“

ديکڙن ۾ ڪاڏي جو ڪٽو ٻ نہ ڀڃيو نہ هـوءَ آئي.
گويا زندگيءَ ۾ ڀهرين پيرو هن ٻيمت ٻوري ڪـاڏو هو.
اَڄ تي هـن محسوس ڪيو نہ هـن جو ڀوڄن سچ پچ
سوادي ۽ مسالو هـو. هيل لوٽي نہ ٻهن کي ڪـارائي
اُتڻ ٿي هن ٻنهنجو ڌرم سمجهيو هو. سوچيائين ان
طرح هن ٻاڻ سان وڏو اَنياءَ ڪيو هو.

منجهند جو هن جو ٻيو ٻت اسڪول مان موٽيو نہ
سانس گڏ اهو ڪتڙو ٻ در ڪلنديٽي اَندر لنگهي آيو.
ٻراهمڻيءَ سوچيو نہ چڱو ان کي رهڻ ڏي الي، ٻهرين
ڇيدر لاهه روٽي کڻي اَچان. ٻر رڌڻي طرف ويندي تي
هن جا ٻير ٻاري تي ويا. ديکڙا نہ اَکيا ٻکيا ٻيا هئا
سو کڻي ڇا اچي. ٻنهنجي هيچ ۽ ضد تي منيان لڳس،
هوند ٻيمت مان سمورو ڪاڏو ڪوري ڪڍي.

”ڇو اَمي، روٽي ڇو نہ ٿي ڏين؟“

”تنهنجي روٽي هي ڪتو کائي ويو.“ ٻريا ڪليجي
تي ٻٿر رکي وراڻيو.

”کائي ويو نہ چڱو ڪيائين. مان هن کي ٻاليندس.“
۽ جڏهن هو ننڍڙي ڪتي کي ٻيار ڪرڻ لڳو نہ ٻراهمڻيءَ
کيس ٻوري ڪندي چيو، ”نہ ٻت، گندي جانور کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه ڇهڻي." ڪتي کي هڪالي ڪڙو ڏيئي ٻاهر دڪان
لڳي ته در تي کڙڪو ٿيو. پڇيائين، "ڪير آهي؟"
"ولهه ڪمار."

... ... ... ...

ولهه ڪمار سڏيو، "ٻراهمڻي." پر هوءَ اچا به خاموش رهي. هن وري سڏيو، "ٻراهمڻي" در کول. چندروءَ لاءِ منائي آندي اٿم. منائيءَ جو ٿالهو ٻڌلديئي چندروءَ ڪڙو لاهي ورتو. منائيءَ جو ٿڙو وٺي هوءَ ماڻهوءَ وٽ آيو ته چمانت لڪاءَ ٿي وٺس ۽ هٿ مان ٿڙو ڇڏائجي وڃي. چندر جي معصوم اکين مان ڳوڙها وهي آيا. هوءَ سمجهي نه سگهيو ته کيس اُج غم رواجي سزا ڇو ملي هئي. ٻرپا جي اهڙي هلت تي ولهه ڪمار کي به حيرت لڳي. اتان هلي وڃڻ جو ويچار آيس پر پوءِ خيال ٿيرائي چندر کي هٿ کان اچي ورتائين ته ڏسي ته ٻراهمڻي پنهنجا ڳوڙها اگهي رهي آهي.

"مان چندر کي ٻزار وٺي ٿو وڃان."

ٻرپا در تي آئي. ڏٺائين ته هوءَ ٻئي ٻزار جي منهن تي پهچي چڪا هئا ۽ هن جي ٻنهي لنڊڙو ڪٽو دوڙندو وڃي رهيو هو.

رات جي مهل هئي. ٻاهر ڪافي انڌڪار هئي. ٻرپا ۽ هن جا ٻه ٻار هندن تي ٿاڪڪا هئا، جيتوڻيڪ اجا ڪير سمهيو نه هو. ٻرپا سوچي رهي هئي ته ولهه ڪمار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتڙو ڊوڙي اچي ويٺل ٻار جي گود ۾ منهن وجهي پيار پائڻ لاءِ ليٽڙي، اوُن اوُن ڪري ڳالهائي، گڏ هلڻ لاءِ پٺيان ڊوڙي، پيرن ۾ پوي ۽ جڏهن رات ٿئي نہ ٻاهر در تي پيرن جي نهن سان رهنبوٽا پائي “اوُن اوُن” جي روڊن سان دير دير تائين اندر اچڻ لاءِ مالڪياڻيءَ کي پيو ٻڌائي. براهمڻي البت مرڪي، قياس ڪائي پر در کولڻ جي غلطي ٻيهر نہ ڪري.

چوطرف سناٽو ڇانيل هو. ڪتي جي هلڪي ڀؤنڪ غائب ٿي وئي هئي نہ هن کي ياد آيو نہ ڪٿان نہ هڪ رات جو در تي کڙڪڙ ٻڌي هئائين. اول نہ هوءَ خاموش ٿي وئي هئي پر پوءِ سرو ديوتائن وٽان مليل شڪتي ڪٺي ڪري هن پڇيو هو، “ڪير؟”

جواب آيو هو— “ونيہ ڪمار!” تڏهن در کولي هڪ طاق پاڻ وٽ ڪري پڇيو هئائين، “هن وقت ڇو آيو آهين؟”

“پريا پاڻ کي اڪيلو نٿي ڀانئين؟” هن هٻڪي وراڻيو هو.

“تنهنڪري ڇا؟”

“تنهنڪري، تنهنڪري...” هوُ جملو پورو نہ ڪري وڃڻ لڳو هو.

“ونيہ ڪمار!” هن ڏيل سڏ ڪندي چيو هو، “مون ني لوڪي پريشان ڪيو آهي، ڇو نہ مان اڪيلي آهيان.”



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پتا، مان چوان ٿو تہ مون توکي پريشان ڪيو آهي ڇو تہ مان اَڪيلو آهيان."

اَکين ۾ ڳوڙها آڻي ورائيو سڌارٿ، "نرواڻ!"

"پتا، ساري سنسار کي ڳنڍيندڙ نرواڻ آهي. پراڻن ۾ تو اهڙي سکيا شايد نہ پڙهي هجي."

"پراڻن ۾ هيڏا ڪرڻ جو هڪڙو آهن؟ نرواڻ کي پڪڙي مان سنسار کان اَلڳ ٿيڻ ٿي چاهيان."

"اوهہ، ٻڌڻ نہ اسان پاڻ سنساري جيون کان سهارو وٺندو رهيو."

"سوارٿ ۽ نرواڻ جو ميلاپ ناممڪن آهي، ولهہ بابو."

"پنهنجو دل مون لاءِ پل بند ڪري ڇڏ، پر مان پنهنجو تياڳ نٿو ڪري سگهان."

"تہ مون مان پالو ٿي ڇا آهي جنهن جو تياڳ نٿو ڪري سگهين؟" پراهمڻيءَ سوچيو تہ ان سوال تي ڪڻي تہ پهرين هوءَ خاموش ٿي ويو هو پر پوءِ آهستي آهستي ڪنڌ مٿي ڪري چيو هنائين، "پتا، هڪ پرش هڪ استريءَ مان جو ٻالڪ ٿو چاهي سو مان تو مان ٻالڪ ٿو چاهيان. تنهنجي اجازت وٺي، ۾ باغ لڳائڻ ٿو چاهيان."

ٻڌڻ پتا جي ڪومل سرير ۾ جوانيءَ جون لهرون اٿيون هيون. گويا مها ساگر ۾ ڀوڪمپ آيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪام ڏيندڙ سان لڙڻ لاءِ هن اَنيڪ ديوتائن کي مدد لاءِ پڪاريو هو ۽ انهن جي سهائتا سان هن ڪام ۾ جيت پاتي ٿيو هو، "ونيه بابو، وڏوا سان اهڙيون ڳالهيون ڪري سنڌس پتورتا ناس ڪرڻ لاءِ ڇو سنهري آيا آهيو؟"

"پتيورتا صرف اوهان نارين لاءِ آهي ۽ پرش لاءِ ڪنهن استري ورت جوڙيو آهي؟ مان ٻي شادي ڪري سگهان ٿو. ۽ تون نه، ڇو؟"

"مهرباني ڪري هتان وڃ نه ته ڪي ماڻهو مڙي نه اچن." جڏهن ٻي ڪجهه نه ڪڇي هوءَ ٻاهر نڪري وئي هو. در بند ڪري هوءَ ڇپاڙ ڪاني اچي بستري تي ڪري پئي. هن کي ياد آيو ته اها رات هن پتيءَ کي ياد ڪري رنو هو ۽ اڄ رات ونيه ڪمار جا اهي لفظ "مان ٻي شادي ڪري سگهان ٿو ۽ تون نه، ڇو؟" هن جي ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳا هئا. هوءَ اٿي ڪري مورتي ٻاهر آئي. در وٽ پهتي ته دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳس. آهستي آهستي ڪڙو کولي در پٽيائين ۽ ٻاهر نظر ڊوڙايائين ۽ ونيه ڪمار ڪٿي به نظر نه آيس. نراس ٿي جڏهن در بند ٿي ڪيائين ته ڪتي تي نظر پيس جو ڪتان ڊوڙي آيو هو. هن اُٺو ساهه ڪڍي چيو، "اوهه! اهو ڪتو." ۽ در بند ڪري ڇڏيائين.

سرد رات هئي. گهر جا هي ٿي پالي چولڪي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڏسي ٻيچ لوڏي ڪوٺيءَ ۾ هليو آيو ۽ هڪ پاسي کپ ڪوڙي پنهنجي جسم ۾ منهن لڪائي سمهي پيو. پريا هڪ پراڻو ٿلهو وستر آڻي ڪتي جي مٿان اُڇليو.

صبح جو جڏهن هوءَ جاڳي ته ڏسي ته ڪتو پنهنجي جاءِ تي نهيٺي ڪونه. رانڊڪي ۾، ڪٽڻ هينان، پيتين هنيان، ميرن ڪپڙن ۾، جاري ۾ ڳولهيائينس پر ڪتو ڇوي نه مولڪي هٿ نه لاءِ در بند هو، دري بند هئي، ٻي ڪا ڳڙکي ڪانه هئي. ٻراهمڻيءَ کي حيرت ولي ويئي ته آخر ڪتو ويو ڪيڏانهن.

آخر هوءَ هند وڪوڙڻ لڳي. ۽ جڏهن پٽوڙي مٿي کيائين ته ڏسي ڪتو ٽنگون ڦهلائي واڏڻ طرف آرام سان سمهيو پيو آهي. عجب ۽ هراس وچان وات ڦاٽي ويس. جانور ۽ انسان هڪ ئي کٽ تي سمهڻ سا ڳالهه ورلي ڏسبي آهي.

رفته رفته ڪتو ٻراهمڻيءَ جي دل ۾ جڳهه ٺاهيندو ويو. هوُ مهل ڪمهل گهر ۾ داخل ٿي سگهي، ٻارن سان راند ڪري، روٽيءَ لاءِ انتظار ڪري نه، ٻراهمڻيءَ کي وهم ويهي ويو ته سندس سوڳواسي پٽي سندس گهر ۾ اچي ٿو، پنهنجي ٻارن سان پيار ڪري ٿو ۽ هوءَ کيس روٽي کارائي پرسن ڪري ٿي.

هڪ لڱا چندر سڪولي سبق ياد ڪري رهيو هو: ڪتو هڪ وفادار جانور آهي. هوُ انسان جو سچو دوست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ٻراهمڻي غور سان ٻڌي رهي هئي ۽ سوچڻ لڳي
ته اهوئي سچ آهي ۽ ڪتي ۾ سندس پتيءَ جي آتما
آهي، سو لسوڙو سندس وٽم آهي. هن جي، ڪتي لئي
نگاهه پيٽي. هـن خامخواه ڪتي کي ڪارائي پيٽاري
ڦلهو دنبو ڪيو هو. ڪيس ڪتي جي وفائيءَ ۽ سچائيءَ
سان ڪهڙو مطلب. هن ته وشنا لاهي گهٽيئي پيرا گهر
خواب ڪيو هو. ڪٿ أي اڪي لڪي سمهيو هو، ۽
ايترا زبان ڪيا هٿائين جو هو جنسي آزار هئو. أن مان
چونڪارو پاڻ جو خيال ايندي ئي هن ٻـر ۾ رکيل
ڪاٺي کڻي ٻر ڪري ڪتي طرف اڇلائي جنهن هـوَ
مار کائي ڀڄي وڃي ۽ وري واپس نه اچي. چوٽ کائي
ڪتو ڪئوَ ڪئوَ ڪري ٻاهر ڀڄي ويو.

أن جي ٻئي ڏينهن جڏهن براهمڻي پوڄا بعد پرساد
ورهايو ته هن ڪتي کي سڀني جي پنيان ويٺل ڏٺو.
تڏهن هن ولـه ڪمار کي پرساد ڏيندي چيو، "توهين
مهرباني ڪري هن ڪتي کي ڇڏي نه ايندا؟"

ونيه ڪمار وراڻيو، "ڪڏهن کي اي گهر ڪرڻ جو
پاپ مولڪان لئي ڪرائين؟"

"ڇا هن ڪتي کي پالڻ جو ذرم مولتي ئي آهي؟
لوڪان ڀڄي ته اون کڻي ڪيس ڏار."

"مون وٽ هن جي ديکڀال ڪير ڪندو. چڱو،
چئين ٿي ته ڪتي کي ٻئي پاڙي ۾ ڇڏي ٿو اچان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هن ڪتي کي ٻنهي هٿن ۾ قابو ڪيو.

ٻيءَ گهڙيءَ جي ٻاهرئين پاسي وڃي ڪتي کي ڇڏيائين. ڪتو اُتي بيهي رهيو. اَڪيلو ڇڏيل ڏاڍل جنهن جي دنيا ۾ ڪا گهرج نه هئي. واپس ايندي وليم ڪمار پنيان مُڙي ڏٺو ته ڪتو ساڳيءَ طرح زمين ۾ نهاري رهيو آهي. شايد هيءَ ڌرتي ڪيس نرالي لڳي جتي چئني طرفن کان سرد هوا لڳي ٿي، جتي گرم ٿيڻ لاءِ ڪا ڪنڊ ڪانهي. جتي ٻک مٽائڻ لاءِ گهر ڌياڻي روٽي نٿي پچائي. ائين سوچيندي وليم ڪمار جي اکين ۾ آنسو اچي ويا.

پريا کي، ڪتو پرئين پاڙي ۾ ڇڏي اچڻ جو ٻڌايائين ته هن سامهه جو ساهه کنيو ۽ منهن تي اَحسانمنديءَ جو ڀاو آڻي چيائين، "توهين اَڄ مونکي گهر جي صفائي ڪرڻ ۾ نه وٺائيندا؟"

اَهڙيءَ پُهچائيءَ واري حجت وليم ڪمار کي ٻوڏ ۾ آڻي ڇڏيو. هن چيو، "پريا، هن گهر کي سنڌر بڻائڻ لاءِ مان سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿو."

ٽڪڪون جاري تان هيٺ لاهڻ، ڪٽون اُڀيون ڪري ڇنڊ ڦوڪ ڪرڻ، هنڌ ٻاهر اُس ۾ سڪائڻ ۽ ڪوهه تان پاڻيءَ جا ڏول ڀري اچڻ جو ڪم پريا جي آگيا پٽاندڙ ڪندو رهيو.

پريا فرش ڌوئي رهي هئي ته وليم ڪمار چيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گهڻن ڏينهن بعد تنهنجي منهن تي مرڪ ٿو ڏسان، مونکي وهائڻ مان توکي ايڏو مزو ٿو اچي؟“

... ... ...

ونيه ڪمار هن جي قريب آيو. سندس ڪرائيءَ کي پڪڙي سڏيائينس، ”پريا!“

پريا جي اکين ۾ جل ڀرجي آيو.

”ٻڌاءِ نه تون ايتري ۾ ڇو روئي ويٺينءَ؟“

تڏهن هن جهڪي آواز ۾ وراڻيو، ”مان نه پنهنجي گذريل حياتيءَ کي ياد ڪري آنند ماڻي رهي هيس پر تو مونکان ڪهڙيون ڳالهيون پڇي منهنجو آنند کسي ورتو. ونيه بابو، مونکي پريا ڪري نه سڏيو. براهمڻي ڪري سڏيو يا ٻئي ڪنهن نالي سان ڪم هلي ويندو.“

ونيه ڪمار جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. پوءِ هن جا ٻئي هٿ پڪڙي چيائين، ”ڪرانتي!“

”مان توکي ڪرانتي ڪري سڏيندس.“ پريا شرمائجي وئي، هوءَ ڪيس ڇڪي مٿي ڏاڻ تي هو نه براهمڻيءَ جو وڏو پٽ چندر ڪمري ۾ اچي ويو. هوءَ هٽي ڊش ڌوئڻ لڳي وئي.

شام جو هوءَ دروازي وٽ ويهي مندر سپنا ڏسي رهي هئي ته اوچتو ڪنهن کي اڱڻ ۾ گهڙندو ڏسي ڇرڪ نڪري ويس. هٿ مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيس. لڪڙ ۾ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. دل ده ده ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳا ڏيڻ لڳس، سڄو ڌڪڻ ڏڪڻ لڳو، اوھ! منھنجو سوڳواسي ٻچڙو اڄ ويو. منھنجي لوڪ ۽ پرلوڪ جو مالڪ منھنجي خيال لئي، منھنجي ھر ڳڇ لئي ڀرو ڏيئي ويو آھي. ھوءَ ٺاڪرن جي مورتين اڳيان جهڪي ٻڌائڻ لڳي. اڳيون وڃارن کي من مان ڪڍي ڇڏيائين جو دان گهرڻ لڳي ته هن چنچل من وچي سالمت ٿيس.

اڳڻ ۾ پراڻين سون جون نديون پيتيون ڪٽي واھمڻيءَ ڪتي لاءِ گهر ناهيو. ڪتو، ٿالهي ۽ وٽو اُن گهر ۾ رکي ڇڏيائين ۽ چندر ڪتي جي ڳچيءَ ۾ اوڙي ٻڌي ڇڏي.

هڪ ڏينهن ونيه ڪمار چيو، "ڪرانتي! ڀاڻ کي ۽ مولڪي ايڏي سزا ڇو ڏيئي رهي آهين؟"

"هن ڪالهوڪ براهمڻيءَ جي گهر نه اچڻو. سمجهو ته هوءَ موئي وئي."

"ڇو؟"

"مولڪي ڊپ ٿو ٿئي. اسانجي ڪافي گلا آهي. منهنجا شوڏالو گهنجي رهيا آهن چاڪاڻ جو ڪين اسان جو سنبنڌ نٿو سونهين ۽ چاڪاڻ ته مون هڪ ڪتي کي ڏاريو آهي."

ونيه ڪمار کلي چيو، "تنهنجي ڳوٺ وارن وٽ شراب خوري، پرايون استريون ڀڄائڻ، جوئا کيڏڻ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائو ڏن هضم ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو ڌرم وڃي بچيو
آهي؟ هن اَڌرمين کان تون هلي آهين نياءُ ڪرائڻ؟”

”ذرا آهستي ڳالهايو. ڪير ٻڌي ته هوند منهنجو
جيئڻ ذلت تي پوي.”

”اِن طرح منهنجي جذبات کي نه ڀڙڪاءِ، ڪرانتي.”

پوءِ ٻرپا جي نزديڪ وڃي هن چيو، ”تون مونسان هلي
هل. شهر ۾ مونکي ڌنڌو آهي ني. اسين پنهنجو گهر
ٺاهي رهنداسين.”

ٻرپا ڏڪندڙ آواز ۾ چيو، ”اهڙيون ڳالهيون نه ڪر.
جهلي تي چڙهائڪ نه هت نه اچجو. سمجهجو ته هت
توهانجو ڪير نه رهندو آهي.”

ولهه ڪمار جو ڪنڌ جهڪي ويو ۽ ٿڌو ساهه کڻي
ٻاهر نڪري ويو. ٻرپا هن کي ويندو ڏسندي رهي. هن
ڪتي کي ٻه ڏلو جو ٻچ لوڏي رهيو هو. اَچانڪ هن
محسوس ڪيو ته ڪتو اَڳي کان وڏو ٿي ويو آهي.
هن جي هڏين تي ٿلهو ماس ۽ ٻچلي کل چڙهي آئي
آهي. هن کي هڪ خيال آيو. هن آهستي رڙ ڪئي،
”ولهه بابو.”

هوءَ ٻيهي رهيو ۽ پنيان ڦري چيائين، ”چئه.”

”توهين هن ڪتي کي ڪٿهن ڏوراهين ماڳ تي
ڇڏي اچو. انين ڪندا؟”

”جئن چوين. ڇا هيئنر تي ڇڏي اچانس.”



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نه نه ٿورو ترسي اچو."

هو ٻيهر آيو ته ڏٺائين ڪتو ٿالهيءَ ۾ ٻرسيل لذيذ ڀوڄن کائي رهيو آهي. ٿالهي جڏهن خالي ٿي ويئي ته ٻرپا چيو، "هن کي هاڻي توهين بلاشڪ وٺي وڃو." ڪتي کي نوڙيءَ کان ڇڪيندو هو ٻاهر نڪري ويو.

ونيه ڪمار ٽي ميل پنڌ ڪري خانپور جي ڳوٺ ۾ پهتو. ڪتي کي اُتي ڇڏڻ هن ٺيڪ سمجهو. بزار جي ٻاهران هڪ وڻ هو جو هوا ۾ جهولي رهيو هو. اُن جي چوڌاري نوڙي ڦيري ٻڌي ڪنڌ ڏيئي ڇڏيائين ۽ پوءِ بزار ۾ هليو ويو. هن نارنگيون ۽ زيتون خريد ڪيا. ٿورو اڳيان وڌيو. اُتي ڪاسائيءَ جو دوڪان هو. اُتان هن ڪجهه گوشت ۽ ڇيڇڙا ورتا ۽ واپس اُتي آيو جتي هن ڪتي کي وڻ سان ٻڌو هو.

ونيه ڪمار ڪتي جي اڳيان گوشت رکيو. ڪتي ڪنڌ ڪڍي هيٺ ڪيو ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي ڪڍي هن جي منهن ۾ گهورڻ لڳو. پنج منٽ، ڏهه منٽ، پندرهن منٽ ونيه ڪمار ترسيو پر هن گوشت نه کاڌو. ونيه ڪمار کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. آخر واپس هلڻ لڳو. هن هڪ دفعو ڪتي کي ڏٺو. ڪتي جي منهن تي وچتر ۽ ڀيانڪ ريکائون نهي آيون هيون. اُداس ملول ۽ ٻوڙيندڙ اکيون، نڪ جي چوٽي مٿي کڄي وُيل، ڪنگون پٺتي ڇڪجي ويل ۽ باقي جسم تاڻهي بيٺو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس. ڪتي اوناڻو. ڳويا هو ڪيس ڏاڍهن ئي چٽي رهيو هو ته ان مونکي هٿ ڪنهن جي آسري ڇڏي ڏنو وڃين.

جيستائين هو پنهنجي ڳوٺ نه پهتو ليستائين هن ڪان ڪتي جي اُها وچتر صورت نه وسري. پراهمڻيءَ کي هن زيتون ۽ نارنگيون ڏيندي چيو، "هي پرساد اَنگو ديوتائن لاءِ."

پريا پرساد وٺي پڇيو، "ڪتي ڪي ڇڏي آيا؟"

"ها، هوءَ هاٿي واپس نه ايندو."

جنهن تي پريا ٿڌو ساهه کڻي چيو، "هاٿي مان اڪيلي جيان رهنديس."

سياري جي سرد هوا مان سياٽ لڪري ويو هو ۽ هاٿي بسنت رت جي فرحتي هير لن من لاري رهي هئي. موسم جي رنگينيءَ پريا جي دل تي پالا ۽ پرچ ڪيرايا. يڪايڪ هن محسوس ڪيو ته هن گهر جون ديواريون پٿيون پاڻ ٿي ويون آهن، ڇتن ۾ سوڙن سوراخ پئجي ويا آهن، دريون ۽ دروازن کي اُڏوهي کائي ڪمزور ڪري ويئي آهي. ناڪرن جون مورتيون پڻ ٽٽي ويون آهن، صدين جا سانڍيل ڏرمي پستڪ سڙي خاڪ مثل ٿي ويا آهن. جڏهن هرطرف خوشبودار گل ٽڙي پيا آهن، وڻ پيلا پن ڇاڻي سبز ويس اوڍي رهيا آهن، ڏرلي بهاريءَ جو مڌر گيت ڳائي نچي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته اهڙي سمي هن جي دل ٻڏڻ لڳي.

هيڏي هوڏي نهاري پريشان ٿي ويئي. در وٽ ٻهي ڳهڻيءَ جي موڙ طرف ڏسندي رهي. ٻري هڪ دنيا آهي — هڪ نرالي دنيا جتي خوشيءَ جا خزانا پيل آهن. هوءَ اندر آئي ۽ چندر کي چيائين، "وڃ ولڀه ڪمار کي چئه ته توهانکي سڏي ٿي." ولڀه ڪمار جو نالو ٻڌندي هن کي اندر ۾ ڪتڪتائي ٿيڻ لڳي. هن جي ساڙهي هوا ۾ ڦڙڪڻ لڳي. مٿهن تي ڪرنڊڙ وار ٿلڊڙا ڪيڏڻ لڳس. وقت وڏڻ سان هن جي دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي ويئي. جڏهن چندر اچي چيو ته ولڀه ڪمار جي گهر نالو لڳل آهي ته هن جي ٽن من ۾ نراسائي ڇانجي ويئي.

اُن رات جو چندر کي پاٺ پڙهائڻ ڪالنس نه پڳو. هو به پنهنجي مٿهن سبق دهرائي ننڊاڪڙو ٿي سمهي پيو. ننڊڙو پار ته گهٽي وقت کان ننڊرا جي گود ۾ هو، باقي پريا جاڳي رهي هئي. اُن وقت ولڀه ڪمار شهر مان موٽيو هو. ٻئي ڏينهن هوءَ صبح جو سوير ڳوٺ ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪري آيو هو ۽ جنهن وقت پراهمڻي جاڳي رهي هئي ته هن اچي در کڙڪايو. کڙڪو ٻڌي هوءَ ڌيل پرن سان ڊوڙندي آئي. پڇيائين، "ڪير؟"

"ولڀه ڪمار."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوھ!“

در ڪڙڪي، ھن چيو، ”اچو اچو، اندر اچو“ ۽ ھوءَ پريا جي پيرن ھلڻ لڳو. ان جي ٻن چئن منٽن بعد اھو ساڳيو ڪتو، پريا جو پالتو جنھن کي وليم ڪمار چار ڏينھن اڳ خانپور جي ڳوٺ ۾ وڻ سان ٻڌي آيو ھو، سو گھر ۾ گھڙيو ۽ ورانڊي ۾ ھڪ طرف چپ چاپ ويھي رھيو.

”ڪرانتي، مان سپاٽي ھتان ھليو ويندس. وڃڻ کان اڳ توسان ملڻ جي خواھش ٿي. ڪا غلطي ٿي ھجي ته معاف ڪجو.“ ۽ ھوءَ وڃڻ لڳو.

”توھين ڪجھ ڏينھن ترسي نٿا سگھو؟“

ان التجا لاءِ ھن ڪرانتيءَ جي اکين ۾ پنھنجون اکيون کپايون، ھن جا چپ ٿڙڪيا. ھن جذباتي نوع ۾ وراڻيو، ”توھانجي چا اڇا آھي ته مان پنھنجي دم ٻوساٽيندڙ ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو پيو رھان ۽ نڪمو گذاري پنھنجي حياتي برباد ڪري ڇڏيان...“

”وليم ڪمار!“

ھن جا وڌندڙ قدم ٿمجي ويا. ڪرانتيءَ پنيان وڃي سندس ڪلھي تي پنھنجو منھن رکيو. وليم ڪمار جي جسم ۾ بجليءَ جي لھر ڊوڙي ويئي. ھن ڪرانتيءَ جي ڪلھي کي ڏوڏي چيو، ”ڪرانتي، تون ڇا ٿي چاھين؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وليم!"

هوءَ آواڪ رهجي ويو.

"ڇا، تون مونسان گڏ هلندين؟"

"ها." هن پڻ پڻ ڪئي.

وليم ڪمار لرزندڙ گرمائش محسوس ڪئي. گرمائش جا ورهين ڪان سانديل هئي، جا ڪرانتيءَ جي هر اَنگ کي ڇُهڻ جي خواهش رکي ويئي هئي، جا نس نس مان اُڇلون ماري رهي هئي. جئن سمندر جون اُڇل لهرون ڪناري کي وري وري ڇُهڻ ۽ چُمڻ جي چاهنا رکنديون آهن. وليم ڪمار هن کي آغوش ۾ آڻي دٻايو ۽ اڇا ٻه ڪيس چڻ سيني ۾ سمائي ڇڏيندو، پاڻ سان جڙي ڇڏيندو. ڪرانتيءَ جا گرم سانس، هن جي سيني جي گولاين جو وڌاءُ ۽ گهٽاءُ سندس هر اَنگ مان نڪرندڙ جوڀن جي جلوي اُگهان وليم ڪمار جون اکيون اَنڌيون، زبان گونگي ۽ ڪن ٻوڙا ٿي ويا.

ڪرانتيءَ محسوس ڪيو ته ٿڌي هير هنجي جوانيءَ کي هوريان هوريان لوڏي رهي آهي. دور دور جهنگلن مان ڪويل جي "ڪهوُ ڪهوُ" ايندي ٻڌائين. ٻنهيجي پيرن هينان سوشٽيءَ کي اوليم ڪندو ڏٺائين. آلم سڄو مان چوڪارو ۽ انهين دنيا جي آنند ملڻ جي خوشيءَ وچان هوءَ ٻهڪي رهي هئي.

هاڻ هوءَ پرڪڻ لڳي، جئن ڪنهن آڳاٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت عمارت جون ديواريون لکي طوفان ۾ پرڪنديون آهن. هو ۽ ليٽي پيئي — مد مست ۽ مدهوش — چپ اڌ کليل، جسم جا عضوا هيڏي هوڏي ڦهليل ۽ ڪارا گهگهرو وار مور جي پکن جيان چوطرف ڪڙيل. هن جون وڏيون وڏيون گهريون اکيون پوُرجي رهيون هيون جو...

اچانڪ هو ۽ هڪ پياڪ چمڪ ڪري اٿي. اکيون ڦاٽي ويس ۽ چهري تي هراس ۽ مردني ڇانئجي ويس. سامهون ڪتو بيٺو هو. هوَ اکيان وڌيو ۽ ڇلانگ ماري ونيءَ ڪمار مٿان ٽپو ڏنائين ۽ اک ڇنڀ ۾ هن جي ٽنگ ۾ چڪ وجهي فرش تي ڪيرايائين.

پريا جا وار ڪتا ٽي ويا هئا، بدن ۾ ڏپ جون لهرون ڊوڙي رهيون هيس ۽ حيرت وچان وات تي هٿ ڏني چڙيو هٽائين. هو ۽ سموري همت ڪٺي ڪري هيٺ لٿي ۽ ڪتي کي هڪل ڏيئي ونيءَ ڪمار جي ٽنگ ڇڏايائين.

هوُ ٽڙندو ڦاڙندو پڙ پڙ ڪري ٻاهر نڪرندو چوندو ويو، ”ڪتا، تو مونکان بدلو ورتو.“ هوُ جڏهن اونده ۾ غائب ٿي ويو ته پريا ڪتي کي ڇنڀڙي پيئي ۽ هن جي اکين مان به قطرا پاڻيءَ جا ڪري پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سندري اتمچنداڻي

## پهريدارڻ

پاڙيسرڻ! الاجي ڇا ڪري وڏو آهي لو! ليکي لو هيءَ سالن جي پراڻي ڏرلي - منهنجو من - ڪنهن لڪين سر ڪيڙي وڏو آهي. ڪڏهن سمجهان پيو، منهنجين اکين وٽ مشعال پيئي ٻري، منجهس روشني نه آهي لي ٻو ته به منجهانس گهٽ ڪونه، ٿو اچي. ڪڏهن سوچيان ٿو، راهه، ڇا لو ڏيکاري آهي، انکي هٿ ڪندي ڪندي ڪٿي هن مشعال اڳيان پرواني جيان سڙي ڀسم ته نه ٿي ويندس؟

خير، لوسان من چلڻ وينو آهيان. سوچيان پيو، هي سڀ الاجي لو ڪٿائين پهچندو الاجي نه. پوءِ به لکڻ کان قلم رڪجي نه ڪونه ٿو.

ان ڏينهن جي ڳالهه اچي ياد پيئي آهي، جڏهن ڏينهن اسين هن جڳهه ۾ اچي وينا هئاسين. عجيب ڦڙليءَ سان لون پنهنجو ٻاڻ ٻهاڙي، ڏول وغيره پهچائي ويٺينءَ ۽ روٽي به ڪٽي آليءَ، تڏهن منهنجي استريءَ ديا، لوڪان پڇيو هو، ”ڪهڙي نالي همتري خاطرداري ٿي رهي آهي پيڻ. ڪٿي اڳين جنم جي پيڻ ته ......“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته وچ ۾ ٿي ڪٿي چيو هو، "ڇو ٻار اڳين جنم ٿا ٿين
ڇو ٿي وڃين؟ هن جنم ۾ اسين ٻاڙيسري آهيون، اهو
نالو ڇا ٿو ڪري گهٽ ٿو لڳي!" ٽوهين ٻئي ٽهڪ ڏيئي
کليون هيون. ان مهل منهنجي من ۾ ٽو لاءِ لقب جڙي
پيو هو- "لهر!"

لقب نه ڦرندا ٿي رهيا آهن ٽو لاءِ.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه:

ٽون ان ڏينهن ٽوهر جي ڊال جو هڪ پيالو ڪٽي
آئي هئينءَ. سڳيون ۽ ميها وجهي ٽو هن ڊال جي سڳند
ڪجهه عجيب ٿي ڪري ڇڏي هئي. مگر مون ان تان
ڌيان هٽائي ورتو هو. ڇو ته عين ان گهڙيءَ هيرل به
در ۾ پير رکيو هو.

هوءَ منهنجي سامهون واري پلنگ تي ويهي ڳالهيون
ڪرڻ لڳي. ٽو هڪوار هيرل جي شرمايل چهري تي
نظر وڌي ۽ ساڳي نظر منهنجي پٽنيءَ جي ٻرندڙ اکين
تي وڌي ۽ پوءِ ڪيس ٻانهن کان وٺي وڃي رنڌڻي
۾ ويٺينءَ.

ڇا ٻڌايانءِ، مونکي نه هيرل ملندي آهي نه سارو
جهان ٻاجهي ويندو آهيان. ٽون دل ۾ ان مهل کلي هوندينءَ
نه هيرل نه منهنجي استريءَ ڏيا کان ڪنهن به صورت
۾ وڌيڪ سهڻي ڪانهي. پر ٻڌلي، اسين مرد رڳو سونهن
جا پوڄاري ٿورو ئي آهيون. استريءَ جي ٽڻن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن کان پٽي ڪرسيءَ تي هٽي ڇڏيو. ڪوشيءَ جي ڏندن مان رت وهڻ لڳو. مون رڙ ڪري چيو، ”ديا!“ سچ ٿو چوان ٿي، تون نه هجين ها ته مان ديا کي ڪنهن ڏاڙو ٻجو لڳائي ڪرائي وڃهان ها، پر تو نه ان مهل چلتر ڪري ڏيکاريو. منهنجي ڪڪي جا در وٽ هيسي بيٺي هئي، سا منهنجي ڪوشيءَ جي ڏندن مان رت وهندو ڏسي، ڪيڪ ڪري آئي. پر تو هڪ هٿ سان ڪڪيءَ کي هنج ۾ کڻي ٻئي ٻانهن ديا جي ڳچيءَ ۾ ڪٽي وڌي!

مان چوندو آهيان، سنتن جي سنگ ۾ تتل لوهه جهڙو هردو به سيتل ٿي سگهي ٿو. پر تنهنجي ٻانهن ورائڻ سان جا ديا جي شوخ اکين ۾ بارش اچي ويئي، تنهن ته منهنجا واچت وڃائي ڇڏيا. مون پنهنجي ڪوشيءَ کي هنج ۾ کڻي ديا کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته تو منهنجي زبان تي هٿ رکي چيو، ”ڦتيل کي وڌيڪ چورڻا ٿيو؟“ ۽ تو جڏهن ڪوشيءَ جي نراڙي چمي ڪيس ته ان ٿان گرڙي ڪرائي آليءَ، تڏهن مون توکي دل ۾ هڪڙو بيو خطاب ڏنو. ٻڌايان؟

”ممتا!“

هڪ ٻي وقت تون اسان ٽنهي کي ممتامئي نظر سان ڪيئن ٿي ڏسي سگهين؟ اهڙا ڳالهه اڃا به سمجهه ۾ نه ٿي اچيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اَنند گولاڻي

## سنڌو

هوءَ جڏهن هڪ ڇوڪريءَ جي پرسان وڃي لنگهي دل جو بار هلڪو ٿيس. وري جو ڇوڪريءَ مرڪندي چيس، "توهان جو نالو ڇا" ته ٽهڪ لڳي ويس. ڇوڪري مرهٽياڻي هئي، جا ساڻس سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. مرهٽياڻيءَ مرڪي انگريزيءَ ۾ چيس، "منهنجي سنڌي غلط آهي؟"

"تنهنجو نالو ڇا آهي." هن صحيح سنڌيءَ ۾ وراڻيو.

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" مرهٽياڻيءَ جهٽ سوال ڪيو.

"منهنجو نالو گوداوري آهي." گوڏا جواب ڏنو.

"گوداوري؟" مرهٽڻ عجب وچان آهستي آهستي چيو، "اها ندي جا مهاراشٽرا مان وهندي آهي، جا هندستان جي پنجن بوڙ ندين مان هڪ آهي."

"تنهنجو نالو ڇا آهي؟" گوڏا سوال ڪيو.

"سنڌو." مرهٽڻ جواب ڏنو.

"سنڌو." گوڏا پنهنجي دل سان چيو، "اها ندي جا سنڌ مان وهندي آهي، جا سڀني بوڙ ندين کان به بوڙ آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌوءَ کي سنڌين لي خنده زني ڪندي ڏاڍو مزو ايندو هو. چي، "سنڌي زالون جيڪي ٻه گاڏيءَ ۾ ڏٺيون اٿم، سي وڏ واليريون لڳيون اٿم. پوسان وينل ڇوڪرين يا زالن سان ڳالهائڻ ڪانسواءِ رهي نه سگهنديون آهن. جي ڪو ٻيو وجهه نه ملندن ته هڪ سوال ته ضرور پڇنديون: ڪهڙي ٽيشن آهي؟"

گوڏا جواب ڏيندي هئي، "بمبئيءَ ۾ نيون آهن نه؟ جڏهن سکي وينديون لڏهن هوڪنهن کي سبق سيکارينديون. اسانجون پڻيون ڏاڍيون چالاڪ آهن."

سنڌي جوان زالن ۽ ڇوڪرين جي باري ۾ سنڌو گوڏا کان پڇندي هئي، "توهان ۾ لمپ اسٽڪ لڳائڻ جو ايڏو رواج ڇو آهي؟"

"ڪجھ وقت کانپوءِ توهان ۾ به اچي ويندو."

"تورڙي لڳائڻ، مان ٻه سمجهي سگهان ٿي، پر توهان نه ٻارهن ٽيرهن پيرا لڳائي ويچارن نازڪ چپن جو برو حال ڪري ڇڏيو آهي."

"جي حسين آهن، اهي وڌيڪ حسين ٿيڻ چاهين ٿيون. جي سانوريون آهن، سي حسين ٿيڻ چاهين ٿيون."

"جي حسين آهن، سي سانوريون ٿيو پون. جيڪي ڪاريون آهن، سي ڪاريون - ڳاڙهيون ٿيو پون." سنڌوءَ چيو، "اون چونه ٿي سرخي لڳائين."

"ڪو ضرور آهي ڇا؟" گوڏا شرمائجي وئي.

"چاڪاڻ جو هوڪا سنڌڻ سرخي لڳائيندي آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چا سرخي نہ لڳائڻ کري مان سندڻ نہ ٿي لڳان.“
”تون لــ مرهڻ لڳندي آهين. سندوءِ فخر سان چيو، ”ڏکو گلن جي ويٺي پاه نہ پڪي مرهڻ ٿي پوين.“
هڪ پيري چيائينس، ”ويچاري ڪملا مــٽي کي ڏاڍو ٿي ڪنهي.“
”جؤن هوندس.“ گوڏا ڪملا ڏي ڏلو جا اُن وقت بہ مٿو ڪنهي رهي هٿي.
”ويچاري سان ٿي نہ ڪندي هوندي.“
”سان ضرور ڪندي هوندي، پر وار نہ پسائيندي هوندي.“
”وار ڪترائڻ مان اهو ئو مزو ملي نہ؟“
”هرڪنهن جا خيال پنهنجا پنهنجا آهن. منهنجي خيال پر وار استريءَ جي سونهن آهن.“
”منهنجا وار ايــڏا وڏا نہ آهن.“ سندوءِ ٿڌو ساهہ کنيو، ”نہ نہ اسان جي ذات پر بد صورت ناري، جنهن جا وار وڏا هوندا آهن، سا پاڻکي خوبصورت سمجهڻ لڳندي آهي.“

انهيءَ ڏينهن هڪ سنڌي ڇوڪريءَ جو ڪارڊ بنهي جي ميز تي پيو هو. سندوءِ خوش ٿي چيو، ”ويچاريءَ جو مسين مسين پــاڻ ڪليو آهي. گهٽ پر گهٽ ٣٥ ورهين جي نہ ٿيندي.“
”اهو مرض توهان پر بہ هوندو؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

“ڪي نه ضرور رهجي وينديون ۽ ڪي ننڍي عمر
۾ پرڻبيون، پر اسان وٽ ۳۵ کان ۴۰ ورهين جي
ڪنوارين جو تعداد توهان کان گهڻو گهڻو گهٽ آهي.
جي توهان ۽ اسان جي ذاتين جي آدمشماري وٺبي ته
اسين توهان کان ويهوڻا ضرور ٿينداسين، پر وڏيءَ عمر
جي ڪنوارين جو تعداد، ٻنهي ذاتين ۾ لڳ ڀڳ ساڳيو
آهي.”

“اسان ۾ ڇوڪري پرڻائڻ نه گهٽ ۾ گهٽ پنج هزار
ڏوڪڙا ڏيڻ”

“پنج هزار؟” سنڌوءَ رڙ ڪئي.

“اهو به گهٽ ۾ گهٽ، جي ڇوڪرو غريب ۽ مئٽرڪ
پاس آهي ته! جي مئٽرڪ پاس ۽ پيسي وارو آهي ته
ڏهه هزار وٺندو.”

“ڏهه هزار.” سنڌوءَ جون اکيون ڦاٽي ويون.

“باپ ڙي باپ.”

“جي ڪو غريب گرئجوئيٽ آهي ته اٺ يا ڏهه
هزار ٻنا ڪنهن تڪليف جي ملندس. پر جي پيسي
وارو آهي ته ۱۵ هزارن تائين ڏک هڻندو. ڊاڪٽر،
انجنيئر، وڏا آفيسر ويهه يا پنجويهه هزار ٻنا ڪنهن
شرمائڻ جي گهرندا آهن.”

“پيڻا.” سنڌوءَ مٺي کي هلڪو ڌڪ هنيو،
“منهنجو ته مٺو ٿو ٿئي. پر هن سنڌي ڇوڪريءَ...”



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪارڻ ڪيو، "مس ريٽا رگهو ملاڻيءَ گهڻا هزار پيسا
وٺيا هوندا؟"

"چون ٿا ته اٺ هزار ۽ اُن ڪانسواءِ ڪپڙو لٽو."

"لٽو ڪپڙو وري ڪهڙي بلا آهي؟"

"اٺ هزار فقط روڪ."

"نقدم شيهو؟" سندوءَ اٺ آنا پنونءَ مان ڪڍي
ڏيکاريس.

"اِن ڪانسواءِ ڪپڙو لٽو وغيره به ملندس."

"مطلب ته بابل جو گهر ٻهاري کڻي ويندي."

"چڱيءَ طرح" گوڏا هلڪو ٽهڪ ڏنو، "اهڙو ته
ٻهارو پائيندي جو ڪن ڪچرو به کڻندي ويندي."

"پر گهوٽ ته سچ پچ راجا ٿي هوندس."

"ڪلارڪ راجا."

"ويچاريءَ کي شاديءَ کانپوءِ اُڌهن نوڪري به
ڪرڻي پوندي؟"

"ضرور" گوڏا ڪاوڙجي ويئي، "شادي ڪرڻ
گهرجي يا نه؟"

"توکي شاديءَ کان نفرت آهي؟" سندوءَ ڪلهي
ومت چهنڊڙي پائيس.

"هن نموني جي شاديءَ کان ضرور نفرت آهي."

"اسان ۾ ته هزار ٻن ۾ ڪم تمام." سندوءَ جڻ ته
دلجاءِ ڏنس، "مونکي ڀاڻ عجب لڳو جڏهن ٻاڻم چوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ته جي شاھوڪار ٿيڻو آھي ته سنڌي ڇوڪريءَ
سان شادي ڪجي.“
”ڪيس پائي به نه ملندي.“
”ڇگو ٿيو جو ڇتايئه. اڄ ٿي وڃي ٿي آگاھ ڪيائس.“
سنڌوءَ لڪڙ ۾ چيو. ”سنڌين سان ھڪ انڪائڻ نيڪ
آھي.“
دفعو ۾ ھڪ سنڌي ڪلارڪ اھڙي لموني ۾ اٿندو
وھندو ۽ ھلندو چلندو ھو، جڻ ته فلمي دنيا ۾ اُتي
وڃي يا علي چلي رھيو آھي.
سنڌوءَ گوڏا ڪي چيو، ”شري فلماڻي ته ڏاڍو
شاھوڪار پيو لڳي.“
”تو غور سان جاچيو آھي. اُنس ڪل به بش شرٽون
۽ ٽي سوٽ، جي پيو بدلائيندو آھي.“
”ڏاڍو ٽريماڪ آھي شري فلماڻي.“
”ڪملوي گول گهاڻي به انس ٽي ڪندي آھي،“
گوڏا راز ٻڌايس، ”پاڻ ۾ چار پيٽر آھن، چار ساڙھيون
آئن. روز روز ئي ساڙھي پائيندي آھي نه؟“
”برابر.“ سنڌوءَ اکيون مهٽيندي چيو، ”سڌيل به
ٻيو ھوندو اٿس. واچ به ٻي ھوندي اٿس. ڪنن جا
جهومڪ به روز روز ٻيا. ايتري قدر جو اُس جي ڪاريءَ
عينڪ جو فريم به ساڙھيءَ جي رنگ سان مشابهت
ڪندڙ ھوندو اٿس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جي چار نہ نہ آٺ وڳا هوندن." گوڏا گول ڳپاٽيءَ
ڏانهن ڏٺو، "هرڪنهن وڳي سان سڀ شيون شامل
آهن. وڳو مڃجي نہ سڀ چمڙون ڦري وڃن."
"ها..." سنڌوءَ ٽهڪندي چيو، "ڪوٺيءَ ۾ بانس؟
هرڪنهن ٻيڙيءَ جو ٻڪڙو هو ٻيو. اسين تہ سادي ساڙهي
۽ ڪوٺي ۾ روز روز ڏٺنديون آهيون."
"اسين اڄي ساڙهي پائي پائي، بانسيري ڪري،
ٻوءِ ڏونئيءَ ڏيندڀون آهيون. اسانجيون ساڙهيون ماڻهن
جون اکيون چرخ ڪنديون آهن. انهيءَ - ساديءَ وچ
لڳنديون آهيو."
شري فلماٽي سخت ليس جي بيماريءَ جو شڪار
ٿي ٻيو. چڪون ڏيندو رهيو، ڏيندو رهيو. سنڌوءَ رڙ
ڪري چيس، "فلماٽي! ڪمري کان ٻاهر وڃي، دالان
۾ چڪون ڏي. اسانکي بہ بيمار ڪندين ڇا؟"
گوڏا کي هوريان چيائين، "مون اهو محسوس ڪيو
آهي تہ سنڌين ۾ ليس جي بيماري وڌي رهي آهي."
"دماغي ڪمزوري وڌي رهي آهي نہ؟" گوڏا
جواب ڏنو.
فلماٽيءَ "آن... چين" ڪندي چيو، "ڪامگانونڪو
نہ سنڌين پنيان هٿ ڌوئي ٻيٺي آهي. هيءَ هوئسلن
جي مائين جو نتيجو آهي، باقي دماغ سو في صدي
سالم آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"گهر ٻار ڪونہ اٿيئي ؟" سنڌوءَ عجب وچان پڇيو.
"امان ابو جبلپور رهندا آهن."
"جبلپور بہ ڪو گهٽ شهر ڪونهي." سنڌوءَ چيس، "اُتي وڃي نوڪري ڪر نہ؟"
"نوڪري هتي ملي آهي." فلماٽيءَ نڪ صاف ڪندي چيو، "ٻيو هتي وري گهر نٿو ملي جو امان کي وٺي اچان. جبلپور ۾ وري نوڪرين جو ڏڪار آهي. اڪري گولڪپن ۾ ٻچين لي گذارو ڪرڻو لو ٿيو ٿوي."
"مون ڏٺو آهي تہ توهين گولڪپن ۾ ٻچين جا ڏاڍا شائق آهيو. فوٽ پاٿ لي ٻيهي گولڪيا ۾ ٻچيا گرڪائيندا ويندا آهيو. اُن جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ توهانجون استريون جهڙيون گولڪپا ۾ توهين جهڙا پتاڻا ٻچيا."
فلماٽي "آن ... چيين" ڪندي ڪلڙ لڳو. گوڏا بہ ٻاڻ کي ڪلڙ کان روڪي نہ سگهي. فلماٽيءَ جڏهن چهڙون ڏٺي ٻس ڪيون، تڏهن چيائين، "ٻيو اسان غريبن جي چگاين ڏانهن بہ نظر ڪر نہ؟"
"توهان ۾ صرف هڪ چگائي آهي سا سڀ ٻراين ڍڪي ڇڏي."
"ڪهڙي ؟" فلماٽيءَ ۽ گوڏا هڪ ئي وقت چيو.
"Adaptbility (موافقت)" سنڌوءَ هٿڻروجن ٻم اچليو، "ٻاڻ کي ٿين حالتن سان اٿين لهڪائي ويندا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪينهي. سنڌ وارو زميندار، هتي ڪلارڪ پيا مزور ٿي ڪري ۽ ڪم پيو هلائي. سنڌ وارو گهوڙيو، هتي چڱو خاصو واپاري ٿي پيو آهي. لوهين ته جڻ بمبئيءَ جا اصلوڪا رهاڪو پيا لڳو. گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رهيا پيا آهيو. مهنجيءَ چال ۾ به سنڌي رهيا پيا آهن. گجراتي ۾ گجراتي ته ٺامل ٺاڻ ۾ ٺاملي."

"پر انڪري اسانجي سنڌيت کي ناس ٿيڻ جو خطرو آهي." گوڊا هراس وچان چيو.

"ڪن بين ۾ سنڌيت جذب ڪري رهيا آهيو؟"
سنڌوءَ سوال ڪيو. "جي لوهين هتي مرهٽي سکيا آهيو ته اسان مان به ڪن ٻـورن کي سنڌي ايندي آهي. هتي اسان وٽ لوهانجي سنڌي ۽ سنڌيت سلامت رهندي."

فلماڻيءَ ڪاري عيتڪ پاليندي چيو، "انهيءَ خاطريءَ لاءِ شڪريه. هوڏانهن هندستاني قومي ٽرالي مان سنڌ جو لفظ ڪڍڻ لاءِ ڪي سڄڻ ڪوشش ڪري رهيا آهن."

"قومي ٽرالي مان سنڌ لفظ ڪڍيو وڃي يا نه وڃي، پر مرهٽي ٺالن مان سنڌو ٺالو ڪڏهن به وڃڻ جو نه آهي. مرهٽا اڳي به ليالڻين جو نالو سنڌو رکندا هئا، هاڻي به رکن ٿا ۽ هن ڪالپوءِ به رکندا ايندا. مان سنڌو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. ڇا مان سنڌي نہ آهيان ؟“

فلماٽي جهٽ ڏيئي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. هن هڪ ڪنڌ ۾ لڪي ٻنهي اکين جي ڪنارن مان ڪرندڙ چار آنسو رومال سان اُگهي ورتا.

گوڏاوريءَ چيو، ”تالي ۾ ئي نہ جادو آهي. جڏهن مون سنڌو اکر ٻڌو نہ جهٽ پٽ هڪ مهان ٻولي لڏي منهنجيءَ ڪلپنا ۾ آئي. اِهـا نڌي لنهنجين اکـين ۾ سمائي پيئي آهي. مـون ائين محسوس ڪيو ڄڻ نہ سنڌ ۾ ويٺي آهيان، ڇو جو سنڌو منهنجي پرسان ويٺي آهي. عجيب ڳالهہ آهي. مـان سنڌ کان هزارين ميل پري هوندي بہ سنڌ ۾ ئي ويٺي آهيان. صرف هڪ اکر ٻڌڻ ڪري.“

”توهين پليل آهيو“ سنڌوءَ ڌيرج سان چيو، ”جو سمجهو ٿا نہ اُسانکي سنڌ ياد نہ آهي. سنڌوءَ ۾ سنڌ سمايـل آهي. جڏهن مـرهٽا لياڻين کي سنڌو ڪري سڏين ٿا نہ اُزخود هوُ سنڌ کي بہ ياد ڪن ٿا. هوُ تسليم

ڪن ٿا نہ سنڌ سندن اياڻي آهي.“

گوڏاوريءَ جو من پـرچي آيو. سنڌو مرڪي رهي هئي. ٻاهرين ليکي نہ فلماٽيءَ کي ليس تڪليف ڏيئي رهيو هو، پر من پرچڻ ڪري هوُ نڪ صاف ڪرڻ لاءِ لاچار ٿي رهيو هو...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گنو سامتاٺي

## ايمان

سچ - ڪوڙ، نياءُ - انياءُ، نيتي - انيتيءَ جو فيصلو ڪرڻ مان ڪونه ويٺو آهيان. مان صرف ايترو چوندس ته جيڪي آتم مريادا ڪٺي جيون جو سفر ڪن ٿا، تن جو لوڪ - مريادا موجب نرلڄ ڪيل ٻڌڻ سان ٺڪر نه لڳندو ٿي. ڪيترا ان ٺڪر ۾ ٺپي ويا آهن، ٺپي ويندا، ليڪن ڪي ان سنگهرش ۾ پنهنجي آتم - مريادا جي ايمان سان ڪنڌ اوچو رکي سگهيا آهن.

ڇو مان هيءُ سڀ چئو ٻڌائي رهيو آهيان؟ منهنجي ڪهاڻي ڪهڙي راهه پڪڙي هلندي، جڏهن مان به نٿو ڄاڻان، ڇاڪاڻ لوڪ - مريادا ۽ آتم - مريادا لئي ڪجهه ڳالهائڻ به اُجايو ٿي لڳو آهي. ڇا، "ڇا" آهي، سو مان ٻڌائڻ جي ضرورت نٿي محسوس ڪريان؟ منهنجو گيان محدود آهي. مان نه اهو به نٿو ڄاڻان ته اُڪو ڪوئي، ڪنهن جو فوٽو لاڪيٽ ۾ وڌائي، پائي ڇڏي، ته اها ڳالهه لوڪ - مريادا خلاف آهي يا نه... يا اها به ڪنهن جي آتم - مريادا آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فوٽو ڪيائڻ کان ماڻ ڇرڪندو آهيان، ليڪن ڪاليج ۾ آئڊينٽٽي ڪارڊ (Identity Card) لي لڳائڻ لاء لاچار فوٽو ڪيائڻو پيو هو. هڪ ڏينهن ڪارڊ گم ٿي ويو. پوءِ ڏينهن بعد جڏهن هڪ ڪتاب ۾ پيل مليم، تڏهن ڪولي جو ڏنـم تہ فوٽي جو سر گـم هو. پاسي ۾ وينل ٻن ڏن هم-ڪلاسين ڏسي ورتو. ڪن ۾ ٿي ڳـالهہ ڦهلجي ويئي. ڪنهن چيو، "شري گڻيش جي فوٽي جو سر ڪٽي ڇنبڙائي ڇڏ. گڻيش جي جنم جي تہ چاڻ هوندء."

ڪنهن چيو، "نہ. هنومان جي شڪل هـن سان مشابهت ٿي رکي."

خاڻ مـان ڪيس چيم، "وس پڄي تہ تنهنجو ئي سر ڪٽي..."

"پوء لـہ نمبر ٥٥ لـوڪي سڀاڻڻ کـان ئي انڪار ڪندي."

تڏهن مونکي چاڻ نہ هئي تہ اها نمبر ٥٥ ئي هئي، جنهن...

پر ان کي هينئر رهڻ ڏيو.

پهرين ان نمبر ٥٥ جي ڪجهہ سڃاڻپ ڏيئي وٺان. ٿالو هن جو هو ساڏال. ڪاليج ۾ فزيڪل ٽريننگ ملندي هئي، اني هڪ پٽي جي سڃاڻپ نمبرن سان ٿي ٿيندي هئي. هن جو نمبر هو: ٥٥.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي ڪئپٽن چيو هو:

"55, You Walk like a queen"

هوءَ منهنجي پرسان بيٺي هئي. مون ڏانهن منهن ورائي، آهستي چيو هئائين، "your queen".

ڪاٻه ڇوڪري فقط هر-ڪلاس جي اسائي اهڙي ڳالهه نٿي چئي سگهي، سو نه هوڪو جاڻلي تو. ساڏنا جو چئي سگهي هئي، نه ان جو به هڪ إلهاس هو.

ڇگو، نه بڌو اهو إلهاس:

هڪ راجڪماري هئي. روپ ۽ ڌن جو أيمان نه هن کي هو ئي، ليڪن ان کان وڌيڪ گيان جو به أيمان هو هن کي.

لڌهن هڪڙو "ساڌارڻ" ڇوڪرو ڪاليج ۾ داخل ٿيو. پهرئين ڏينهن ئي هن جو أنگريزي ساهتيه جي پروفيسر سان جهڳڙو ٿي پيو. پروفيسر چيو، "شيلي ۽ ڪيٽس ۾ ڪيٽس بهتر شاعر آهي."

أشوڪ پڇيو، "ياشا سبب يا پاڻ ۽ وبچار سبب؟"

پروفيسر چيو، "مان لونس لکائي رهيو آهيان. لون لک."

أشوڪ لکڻ کان انڪار ڪيو. چيائين، "توهين پنهنجا وبچار مڙهي شاگردن جي آزاديءَ سان سوچڻ کي Prejudice ڪري رهيا آهيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر ٽوڪيندي چيو، ”توهان جا مونکان وڌيڪ ڄاڻين ؟“

ڪلاس ۾ ٺهڪڙو مچي ويو.

تڏهن هن راجڪماريءَ ڳالهايو. پروفيسر کي مخاطب ٿي چيائين، ”هن کي چئو ته ٻاهر ٿي ڪٽي اسانکي نوٽس لکائي.“

ٺهڪڙو وڌي ويو.

آشوڪ ايمان جي وچ ۾ ساڪت ويٺو رهيو. ڪلاس بعد لمندي ٿي چيائين، ”اڌارو گيان وٺڻ ئي اسانجي ڪلاس-ميٽ شايد هوبل ٿي ڏسجي.“

راجڪماري سادنا جي گيان جي اهڙي بيعزتي ڪرڻ جو خيال به ڪونه ڪري نٿي سگهيو. سيٺئي ڪيهن تکي جواب ملڻ جي انتظار وچان هن ڏانهن نهارڻ لڳا. ذرا ٽوڪ وچان ڳالهه آئي، ”توهان ڪهڙو ڪرٽڪ (Critic) پڙهي بحث ڪرڻ آيو آهيو ؟“

آشوڪ چيو، ”ڪرٽڪ پڙهيا گهڻيئي اٿم، ليڪن مجيندو من جي اندر واري آلوچڪ کي ئي آهيان. ليڪن لڳي ٿو، توهان ته اصلي ڪتاب به ڪونه پڙهندي آهيو. امتحان پاس ڪرڻ لاءِ نوٽس ئي ڪافي آهن.“

ڳالهه پوري ختم نه ٿي، ته موڪل جي گهنڊ ڳالهه ختم ڪري ڇڏي.

ٻئي ڏينهن ڪلاس ۾ عجب جي هڪ لهر ڦهلجي

ويٺي. هميشه ڇوڪرن لاءِ مقرر ڪيل ليڪچرن ۾ وهندڙ هو. 'اَيمانڻ'، ڀرتون ۾ دفعو ڀيٽجي ڇڏي ڏيو هيئن هن 'ساڏارڻ' اَشوڪ سان وڃي هئي.
عجب ڏوري ايمرڪا جو روپ ورتو. ڪيهن چيو، "Equality of Status جي هلچل زور آهي. اِهن ڇوڪرين کي به ان مثال جي پوئواري ڪرڻ ڪهي."
ٻئي چيو، "Freedom for a woman"
ٽئين چيو، "Salvation From Sex"
اَشوڪ چيو، "ٻڌڻ ۾؟"
"ڪيهن کي؟ ڪرنڪس کي؟"
"ها."
"من جو ڪرنڪ ته ڪڇهه لئو چئي."
"لڏهن به ..."
"هنن آلوچڪن مان ڪيهن به هڪ سان گڏ رهي وهان ته هو هڪڪدم ڀيٽجو راپو ڦيرائي ڇڏيندو. هنن جي آلوچنا ۾ سوارٿ ڀريل آهي، ان کي رهڻ ڏيو."
آلم - مويادا من جي وڏان کي ٿي مڃي ٿي. ليڪن من جو وڏان ڪير ٿو ٻڌائي، ڪير ٿو مقرر ڪري ان جا قانون؟

ان ڪان پوءِ به هڪ ڳهڻا ٿي هئي. جيڪو الهاس ٻڏائڻ ويٺو آهيان، سو هن ڳهڻا ٻڏائڻ بنا مڪمل ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نٿو سگهي. نه پڙو –

ان ڏينهن ايڪسڪرشن تي وياسين، مٽيوران. مان ۽ ساڌنا سيٺيءَ جي پٺيان هلياسين. رستو ڏاڍو ڪٺن هو. ٻيا سڀ نه معلوم ڪيترو اڳيان نڪري ويا. پٺيان ايندي ايندي، ڳالهيون ڪندي ڪندي، خبر نه آهي، ڪيئن اسين ڪنهن غلط پيچري تان اڳيان وڌي، رستو ڀلجي وياسين. ساڌنا چڙهائيءَ تان هلندي ٿڪجي پيئي هئي. هڪ پٿر تي ويهندي چيائين، “رهڻ ڏي، هاڻي هن کي وڌيڪ ڳولهڻ جي ضرورت نه آهي.”

ڪلپي چيم، “هن کي نه، ليڪن رستو ته ڳولهڻو ئي پوندو.”

“ڪون به سڌي رستي جي ڳالهه ٿو ڪري؟ رستي ڀلجي وڃڻ جو آنند به نه ڪا چيز آهي.”

“پر جن مترن سان آيا آهيون، انهن جو خيال ته رکڻو ئي پوندو.”

هن ڪن پل لاءِ مون ڏانهن نهاريو. پوءِ چيائين، “لوڪ-مرياد رکڻ لاءِ جيڪي پنهنجي من جي آنند کي ڪهلي ڇڏيندا آهن، انهن مان ڪون نه آهيان. تنهنجي من ۾ شايد ڊپ ٿي رهيو آهي، نه سڀاڻي سامهون ٿيندي ٿي ڪون ڪهڙو جواب ڏيندين. نه نه مان تنهنجي من جي اڇا کي ڄاڻان ٿي.”

“ڪهڙي آهي منهنجي من جي اڇا؟”



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هتي سچو ڏيهن مونسان گڏ اڪيلو گذارڻ جي
اچا. ڏس، مونکان پلي لڪاءِ، ليڪن پنهنجو پاڻ کان
ڪجهه نه لڪاءِ.“

لوڪ-موريادا جي پردي ۽ لڪابل اڇا کي هن
پڪڙي ورتو. لڏهن به ڪجهه اُنمنيو ٿي ويهي رهيس.
پڇيم، ”نه سياڻي ڪاليج ۾ ڪهڙو جواب ڏيندين؟“
”چونديس، ايڪسڪرشن آهي منورنجن. من جو
جنهن ڳالهه سان رنجن ٿيو، سو ٿي اسان ڪيو. ان ۾
ڪنهن کي اعتراض نه هئڻ گهرجي.“
”تون ڇا صرف منهنجي من جي اڇا رکڻ لاءِ انين
ڪري رهي آهين.“

هن جون نگاهون دور هيٺ ماڙيءَ ۾ جهڪي
ويون. آهستي چيائين، ”ڪڏهن ڀن جڻن
جي اڇا ساڳي هڪ ٿي ٿيندي آهي. سوبل هلندي
هلندي، شايد پنهنجي جاڻ کان سواءِ ٿي تو منهنجو
هٿ دٻايو هو لڏهن ٿي جاڻي ويٺي هئس نه منهنجي
من ۾ جيڪا اڇا اُٿي هئي، سا ٿي تنهنجي من ۾ به
جاڳي هئي.“

سوچيان ٿو، جيڪا هٿ جي ڇهاءَ سان ٿي من
جي اڇا کي جاڻي سگهي ٿي، سا ٿي من جي مريادا
رکي سگهي ٿي. سا ٿي من جي شڪتيءَ ڪارڻ مون
ڏانهن منهن ورائي چئي سگهي ٿي: 'your queen'.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ساڳئي ڏينهن ڪاليج مان موٽندي مون چيو هو، ”بدو آتم، تون ڏاڍي ايمانداري آهين. پوءِ سيٺ ۽ ايمان ڪٿا ڪيئن هلي سگهندا؟“

جواب مليو، ”ڇو، سيٺ لاءِ ڪوئي ايمان ڇا لتو ڪري سگهي؟“

”ليڪن ايمان سان سيٺ ڪيئن ڪري نٿو سگهندو.“

”آتم-مريادا کي ڪوئي هٿ سمجهندو آهي، نه ڪوئي ايمان. ليڪن سنسار ۾ جن پيهنجي من جي سموري سنچ سان پوڄيو ڪيو آهي، اهي لوڪ-مريادا جي چنتا ڪانه ڪندي آهي. هنن آتم-مريادا سان ئي نباهيو آهي.“

مون چيو، ”ليڪن سماجڪ بندن به ته ڪجهه آهن.“

”آهن. ليڪن سڀ نه. ڪي بندن جڏهن آتم-وڪاس جي آڏو اچن...“

”ته ڇا؟“

”ته انهن بندن کي ٽوڙي مڪمل رهڻو پوندو.“

لڏهن نه چاهڻ ڪهڙي احساس کان دل اداس ٿي ويندي هئي. ڪوشش ڪندي به ان جهڪي، اڻ چٽي احساس کي سچائي نه سگهيو هوس.

پر ڪن ڏينهن بعد من جي ان پاڙ جي پرڇو ملي ويئي، ان ڏينهن ساڻنا جي پيءُ جي مل جي سلور جبلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. مونکي ٻه ساڌنا طرفان نينڊ ملي هئي. هُن جي شاهي بنگلي جي لان ۾ سوسائٽيءَ جي 'ڪريم' اچي جمع ٿي هئي. مان ڪجهه دير سان پهتس. سامهون هڪ ننڍي اسٽيج تي ويهي ساڌنا ڪوئي گيت ڳائي رهي هئي. مونتي نظر پوندي ئي، اُچانڪ گيت اَڌ ۾ ڇڏي، هوءَ اسٽيج تان جلدي ڊوڙندي آئي. مهمانن جي ولڊر ۾ پنڪ پئجي ويو. سڀني جون نظرون ڊوڙندڙ ساڌنا جي پٺيان ڊوڙي، هوءَ ڪاٿين پهچي، جهڙ زبردست ڌڪو کائي ڪري پيون. ساڌنا منهنجو هٿ پڪڙي چيو، "منٽ منٽ جو حساب رکندڙ ماڻهو اَگر ايڏي دير ڪري ته جاڳين ٿو، پوءِ ڪنهن لاءِ ڪيڏي چنتا جو باعث بڻجي سگهي ٿو؟"

ليڪن، جهڙ هڪ ئي وقت وينل مهمانن مان ڪيترن جي نيڪٽاءِ جي ڳنڍ اُچانڪ سوڙهي ٿي هُنن جو گلو گهٽڻ لڳي هئي، ۽ هو ڳنڍ ڍلي ڪرڻ ۾ لڳي ويا هئا. مونکي نيڪٽاءِ ٻڌل ڪانه هئي، تڏهن به سنڪوچ وچان ڳلي ۾ جهڙ ڪجهه اٽڪي پيو. ليڪ تڏهن ڏيهن وارو اَطبائل پاڻ من ۾ پورو آڪار وٺي ظاهر ٿيو. چيم، "ساڌنا هيءَ واهو منهل ..."

"ته هل، باغ جي هن پاسي بلڪل سانت آهي. جهڙ وڌيڪ سوچڻ جي ڪا ڳنجائش ڪانه هئي، ڪا هلڪ ڪانه هئي، سنڪوچ ڪونه هو. هٿ پڪڙي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪنڊ ۾ وڻ جي هيٺان اچي وهاريائين.

لڏهن اهو ٻـاڙ لفظن جو روپ وٺي ٻـاهر نڪتو:
"ساڻان، 'your queen' چئي، تون نہ پنهنجي آتم - مريادا سان نباهي، چئي ويندين. ٻہ مان 'راڄا' ڪونہ آهيان، ان حقيقت سان مونکي نباهڻو ٿي پوندو."

پل ٻہ لاءِ هوءَ منهنجي منهن ۾ نهاريندي رهي. پوءِ چيائين، "هينئر جيڪو ڪجهہ ٻڌي آيو آهين، ڇا تون سمجهين ٿو تہ ان سڀ سان منهنجو موهہ آهي؟"

"موهہ جي ڳالهہ نٿو ڪريان. توهانجي سماج ۾ "ايٽيڪيٽ" ٽالي واري هڪ چيز آهي. آتم - مريادا جي زور تي، تون ان کي اورانگهي، منهنجو هٿ پڪڙي سگهين ٿي؛ ليڪن هڪ 'گليمر' ( Glamour ) ٽالي واري چيز بہ آهي، جيڪا ڪابہ 'ڪئين' ڇڏي نہ سگهندي آهي."

هوءَ اچا تائين وٺي نہ هئي. هينئر هـوءَ وڻ جو سهارو وٺي ويهي رهي. ڪجهہ تکي آواز ۾ چيائين، "منهنجو 'ڪئين' جو تصور 'گليمر' تائين اچي ختم ٿو ٿئي؛ ٻـيو منهنجي آتم - مريادا ايتري محدود نہ آهي. مان توکان سينهہ جو دان نٿي گهران. صرف هڪ سوال جو جواب ڏي: تون مونسان شادي ڪري سگهندين؟"

"مان توکي 'ڪئين' مان بگاڙڻ نٿو بڻائڻ چاهيان. مونکي بہ پنهنجي آتم - مريادا آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لباهي سگهندين؟“
”ڪوشش ڪندس.“
هن پنهنجو هٿ وڌائي، منهنجو هٿ پڪڙي، ان کي اَٿلڪو ڏيئي چيو، ”چڱو، گڏ ٿياسين، آهه وش ٿو سگهين.“

ڪهاڻي ٻڌائيندي، هڪ گهٽنا ۽ ٻيءَ گهٽنا جي وچ ۾ شايد ڪيترو ڪال رهجي ٿو وڃي. حقيقت ۾ اهي ڪال به اُليڪ لڪندي وڌين گهٽنائن سان پوريا پيا آهن. ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ اهي شايد غير ضروري هجن، يا شايد اهي گهٽنائون من جي انهن ٻرن پاولنائن سان جڪڙجي ٿيون وڃن جو انهن جو لفظن ۾ اظهار ڪرڻ تي دل نه ٿيندي آهي.
مثال طور - مٿين ۾ مون ساڻس کي هڪ گل ڏنو هو. هن اهو وارن ۾ لڳائي ڇڏيو. ٿڌهن چنڊ ٻڌجي، ڪجهه هيٺ جهڪي، مون ان گل کي چميو هو. پوءِ هر روز مان هن کي گل ڏيندو هوس، هوءَ اهو وارن ۾ وجهندي هئي ۽ ڪاليج جي اوپر واري اُلب جي وڻ جي آڙ ۾ ٻيهي مان ان گل کي چمندو هوس.
ان ڏينهن جڏهن گڏ ٿيا هئي هوءَ وڃڻ لڳي، تڏهن مون چيو هو، ”لورو لوس.“ پوءِ سندس ٿي بنگلي جي هڪ ٻاري مان گل چڊي، مون کيس ڏنا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اهو وارن ۾ وجهي کن ٻل لاءِ انتظار ڪيو هو. مان ليڪن اَڳتي نہ وڌيو هوس. هوءِ هلي ويئي.

اَڄ جڏهن سوچيان ٿو، تڏهن ڪيترين ئي ڳالهين ياد اچي رهيون آهن. ليڪن ڪهاڻي ٻڌائڻ جي ويچار کان جيڪي ٻہ ٽي گهٽنائون ضروري آهن، سي ئي ٻڌائيندس. ٻين جو موهہ ڇڏڻو ئي پوندو.

ڪجهہ سال گذري ويا.

هڪ ڏينهن اتفاق سان ساڌنا سان ملاقات ٿي ويئي.

هڪ ڪمپنيءَ جي سيلس مئنيجر جي حيثيت ۾ ديش ۾ ڀٽڪڻو پوندو هو. ان ڀٽڪڻ جي سلسلي ۾ هڪ ڏينهن آگري وڃڻ لاءِ جهانسيءَ جي اسٽيشن تي بيٺو هوس. گاڏي آئي. اڃا پوري بيٺي بہ ڪانہ تہ ڪنهن سڏ ڪيو "اَشوڪ." منهن ورائي ڏٺم، هڪ گاڏي جي دريءَ مان منهن ٻاهر ڪڍي، هٿ جي اِشاري سان ساڌنا مونکي سڏي رهي هئي. گاڏي ٿمندي بيهندي هن جو ڳاڙو اَڳيان وڌي ويو. تڏهن چنچل ٻچي، ماڻهن جي ڀيڙ کي چيريندو، ڊوڙندو وڃي هن وٽ پهتس. ليڪن سامهون ٿيندي ئي، هن کي ڏسي ۽ پاڻ ڏانهن نهاري مان سنڪوچ ۾ ٻڏي ويس. مل-مالڪ جي ڌيءَ، سڄ-ڌڄ واري ساڌنا سامهون ڪانہ هئي. هڪ سوٽي، سفيد، سادي ساڙهي ۾ ويٺي هئي ساڌنا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مان هوس هڪدم صاحبلوڪي ڊريس ۾، ڪمپليٽ گرم سوٽ، فيلٽ هٽ ...

تڏهن نمسڪار ڪان اڳ پهريون لفظ منهنجي زبان تي ٿري آيو، "گڊمر."

ساڌنا نمسڪار ڪري، کلي چيو، "ڪيئن داد ڏين ٿو نه؟"

پنهنجي سنڪوچ لڪائڻ لاءِ مون به کلي چيو، "ڇا تي؟ تنهنجي هن چينج (Change) تي؟"

هن هڪوار منهنجي ڪپڙن ڏانهن نهاري کلي ڏنو. چيائين، "هيترن مائٽن جي وچ ۾، پنهنجي لاءِ هن اٽڪال ڊريس ۾ به مون توکي سڃاڻي ورتو، ان تي "

"سو به هيترن سالن بعد." مون هلڪي نوڪ مان چيو.

"نه تو نه شايد ان وقت اندر منهنجو نالو به ڀلائي ڇڏيو هوندو."

"هڪ دفعو مترن جيان جيون جي راهه ڀلجي وڃڻ چاهيو ۽ رستي ڀلجي وڃڻ جو آنند پائڻ چاهيو. ڀلجي شايد ويو آهيان. ليڪن آنند پائي نه سگهيو آهيان، ساڌنا."

هوءِ سانت رهي. مان چپ چاپ هن جي ڀرسان ويهي رهيس. گسا ڏي هلي تڏهن هن ڳالهايو، "راهه ڀلجي وڃڻ ۽ ڄاڻي ٻجهي غلط رستي تان هلڻ ۾ تفاوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اَشوڪ. ڇنڇل مان اهو تفاوت سمجهي نٿو سگهي."

مون جواب نه ڏنو. پڇيم، "تون ڪيڏانهن وڃي رهي آهين؟"

"دهليءَ."

"دهليءَ ڇو؟"

"هاڻي اتي ئي رهندي آهيان."

پڇڻ چاهيم: ڇا شادي ڪئي اٿيئي؟ ليڪن شايد اَيمان وڃان يا ڪنهن ڊپ سبب پڇي نه سگهيس. صرف پڇيم، "اَڪيلي؟"

ان هڪ لفظ مان منهنجي سوال جو مطلب سمجهي، هن کلي ڏنو. کل مان ظاهر هو ته منهنجو سوال اَجايو هو. تڏهن ٻيو سوال پڇيم، "ڇا ڪندي آهين؟"

"پروفيسري ملي ويئي. مل-مالڪ جي ڌيءَ نوڪري ڪرڻ لاءِ گهر ڇڏي وڃي، ان لئي ڏاڍي مخالفت ٿي هئي. پر تون نه ڄاڻين ٿو، مان هميشه پنهنجي هلندي آهيان."

گاڏي تيزيءَ سان هلي رهي هئي. ٻاهر وڻ، ٽڻ، ٽليا وغيره اهڙيءَ ئي تيزيءَ سان پٺيان ڊوڙي رهيا هئا. منهنجو من به پٺيان ماضيءَ ڏانهن ڊوڙي ويو. هڪ ٿڌو ساهه ايندي روڪجي ويو. چيم، "نه 'ڪٿين' گلشمر ڇڏي ڏنو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ٻاهر نهاري رهي هئي. ٻنا منهن ورائڻ جي نئين
سانتيڪي نوع ۾ چيائين، "توهين ٻـوش، استرابن ۽
گلئمر کي اَلبـــ، اَلبـــ، ڪري ڪجهه سوچي ســگها
سگهو. هڪ ڏينهن تـو ٻه اهڙي غلطي ڪئي هئي.
ليڪن استرابون ته، ٻوش ني گلئمر ڏانهن ڊوڙي ويندا
آهن. گهر ڇڏڻ بعد ڪيترائي جهونا مٿو ڳڏيـا آئم،
هنن جي هلت مان ائين لڳندو آهي ته گلئمر ٻنا هو
جڻ مونکي سچائي نٿا سگهن. ۽ هڪ ڏينهن اهي ني
مولسان شادي ڪرڻ لاءِ آئا هئا."

مان چپ چاپ ڪجهه وقت خالي نگاهن سان ٻاهر
نهاريندو رهيس. ٻـوءِ چيو، "مـان پنهنجي غلطي
سڌاريان ته."

"ته مونکي خوشي ٿيندي."

"ته هلندين مولسان آگري؟ يـاد اَٿيئي، ڪاليج
جي زماني ۾ تـو چيو هـو ته اسين تاج محل گڏجي
ڏسنداسين."

"ني، وساريو ڪونه اَٿـم. ليڪن تـون هڪ غلطي
سڌاري، ٻي غلطي ڪري رهيو آهين."

مان چپ رهيس...

آگرو اچي ويـو. ٽئڪ ڪٽي، هيٺ لهي، دريءَ
کان اچي بيٺس. چيم، "ته جاڻان وري ڪڏهن ملڻ
ٿيندو. ٻڌ هڪ ڳالهه ٻڌاءِ: مون ڪهڙي غلطي ڪئي؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي هميشه واري سياوڪ آواز ۾ هُن چيو،
"توهين پرش جڏهن جيءُ چاهيو، غلطي ڪري، ڪنهن کي ڇڏي ڏيو، ۽ وري جڏهن جيءُ چاهيو، غلطي سڌاري ڪنهن کي اپنايو. ليڪن منهنجي مريادا مونکي ڪنهن جو نه رالديڪو ٻڌڻ ڏنو آهي، نه سمپتي."

گاڏي هلي وئي. مان اتان ئي ٻيءَ گاڏيءَ ۾ بمبئيءَ موٽي آيس.

مان ڪجهه ٻڌائي نه سگهيس هن کي.

ٻڌائڻ چاهيم: ساڌنا، تنهنجي لاءِ سک ميسر ڪرڻ لاءِ مان ڏينهن رات هڪ ڪري، ڌن ڪٺو ڪري رهيو آهيان.

ٻڌائڻ چاهيم: ساڌنا، تو مونکي 'your queen' چيو هو، مان توکي 'your king' چوڻ جي پوڳيه ٻڻجڻ لاءِ، توکي ڇڏي آيو هوس.

ٻڌائڻ چاهيم، ساڌنا...

ليڪن مان ڪجهه ٻڌائي نه سگهيس هن کي.

ڇو؟ ڇو؟

ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ مان اهو خال پوري سگهان ٿو. پر ساڌنا جي جيون 'ڪهاڻي' ۾ اها ڳالهه اڻ ڄاڻل رهجي وئي، خال رهجي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن مان پنهنجي مريادا ڪيئن ڇڏيان؟ مان پنهنجي سيٺ کي ڀڪاري بڻائي هن اڳيان هٿ ڇو ڦهلايان؟ هوءَ هاڻي مونکي سيٺ جو لٺي ڪري...

ان بعد به هن سان ملاقات ٿي هئي. اها به اوچتو ئي ٿي هئي. مان دهليءَ ۾ هوس. ساڌنا جي ايڊريس جي ڄاڻ هوندي به مان ساڻس ملڻ ڪونه ويس. هڪ ڏينهن اڪيلو ئي قطب منار ڏسڻ ويس. مٿان لهي رهيو هوس جو ٻهوان منزل وٽ ڏٺم، ساڌنا ٻن ٽن ساهيڙين سان مٿي چڙهي رهي هئي. مونکي ڏسندي ئي ساهيڙين کي چيائين، "ڀائي معاف ڪجو، جهونو مِتر ملي ويو آهي. توهين مٿان ٿي اچو، ليسين مان هن سان هتي ئي به چار ڳالهيون ڪري ٿي وٺان."

اهائي ساڳي ساڌنا!

ساهيڙيون هليون ويون.

کلي چيم، "ڇا مان صرف جهونو مِتر آهيان! وڌيڪ ڪجهه به نه؟"

هن به کلي چيو، "ان کان به گهٽ. مِتر بمبئيءَ کان دهليءَ تائين مفاصلو طئه ڪرڻ کانپوءِ پنهنجن جهونن مِترن سان ضرور گڏجڻ ايندا آهن."

"پر تون نه لوڪ مريادا کي مڃيندي ڪانه آهين."

"سيٺ جي مريادا کي نه مڃان ٿي."

"تو نه سيٺ کي ڪڏهن اُپمان ڪيو ئي ڪونه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون نہ صرف پنھنجي آلر-مرياداً لي ئي اَيمان ڪندي رهي آهين."

"منهنجو سنيهه ان مريادا جو حصو آهي، مولڪي اَڄ به ان لي اَيمان آهي."

مان هيمٽ نھاري رهيو هوس. ڇمر، "ساڏنا، هوڏانهن هيمٽ ڏس. هتي مٽي ٻيهي ڏسڻ سان هيمٽ جون سڀ چيزون نئيون لڳي رهيون آهن. حقيقت ۾ اهي ڇا نئيون آهن؟ پنهنجي سنيهه جي اَيمان لي وٺهي ڏسڻ سان، ٻئي جو سنيهه نوڪي نئو ۽ نيچ لڳي رهيو آهي. ليڪن سچ ڪجهه ٻيو آهي."

"ٻو اهو به ته سچ آهي، ته هيمٽ ٻيئل ماڻهن کي اسين هيترو مٽي هوندي به نئيا لظر ايندا سين. ٻو ان کي رهڻ ڏي. سچ اهوئي آهي ته ٻاهرين چيزن جي دوکي ۾ سچ کي پالي نٿو سگهجي. تون لي ٻڌاءِ، مان پنهنجي من جي اسٽرتا لي اَيمان ڪريان يا تنهنجي من جي چنچلتا لي؟"

ياد آيو، هڪ ڏينهن مٽران ۾ منهنجي هٿ جي ڇهاءَ مان لي هو، منهنجي من جي اِڇا کي ڄاڻي ورتي هئي. ۽ اَڄ ٻـنا ڇهاءَ جي لي منهنجي من جي چنچلتا کي ڄاڻي ورتي هئي. ڪيئن انڪار ڪريان، ان چنچل من ڪيترو ڀٽڪايو هو مولڪي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏينهن جو ھن چيو ھو: مونسان شادي ڪندين؟

۽ مان جو اَيمان سان چئي ويٺو ھوس: مونکي بہ پنھنجي آئر - مريادا آھي ، مان ان سان نباهيندس. لڏهن تہ مين استر ھو. ان بعد چو چنچل بڻجي ، پنھنجي اَيمان کي غلط چئي بار بار ھن کي ڀانئڻ لاءِ پٽڪندو رھيو آھي ھيءُ من ...

ساڌنا ڪان موڪلائي ، قطب منار جي ڏاڪڻ تان ھڪ ھڪ ڏاڪو لھندي ، محسوس ڪيو ھوم ، ڄڻ ڏاڪي ڏاڪي سان گڏ مان هيٺ ڪرندو پيو وڃان.

پاڻ کي بچائڻ تي پوندو ...

۽ آخرين ڏاڪي تائين پهچندي پهچندي مون ھڪ فيصلو ڪري ورتو.

ٽن مهينن بعد ساڌنا جو خط مليو. خط سان گڏ ھڪ ننڍڙو پارسل بہ ھو.

خط کولي پڙهيم. لکيل ھو:

"پوني ،

تنهنجي شاديءَ جو نيڻ پتر مليو. ڪاليج ۾ امتحان هلي رهيا آهن. اچي ڪانہ سگهندس. تون تہ چالاڪ سچائل آهين. لوپ آهي صرف تنهنجي پتنيءَ کي ڏسڻ جو. موقعو ملندي ئي ھن کي ڏسڻ ضرور ايندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ ڪيس صرف هڪ سوڪڙي ئي ٽي موڪليان. سنيهہ ۾ اَڏڪار ڏيڻ-وٺڻ جي ڳالهہ ڪڏهن سوچي نہ اَٿم. اِنڪري منهنجي جيڪا سڀ کان پياري چيز آهي، سا پيت ڪندي، نہ ڪوئي اَڏڪار ڇڏڻ جي ڳالهہ من ۾ آيم، نہ ئي ڪنهن اَڏڪار پائڻ جو ويچار ئي آيم. ان سڀ کان پنهنجي سنيهہ کي مڪت رکي سگهي آهيان، ايترو ئي ڪافي آهي.

سوڪڙي موڪلڻ کان اَڳ صرف هڪ ئي ڳالهہ سوچي ڏٺم تہ من اِستري ۾ شانت آهي يا نہ؟ پوسٽ آفيس ۾ بيٺي هئس. آخرين دفعو هڪوار وري سوچيم، ڏٺم، من شانت ئي هو. ڪٿي بہ دک جو ڪوئي هلڪو اَحساس ڪونہ هو. اِهوئي سياويڪ هو، اهوئي چاهيو هوم. ٿڌهن هٿ وڌائي ڪائونٽر تي ويٺل ڪلارڪ کي پارسل ڏنم.

تون چوندين: سوڪڙي موڪلڻ، لوڪ-مريادا نباهڻ آهي. مان چاٽان ٿي. مان اهو بہ چاٽان ٿي تہ لوڪ-مريادا نباهڻ لاءِ جيڪا سوڪڙي ڏني آهي، ان جو روپين ۾ ملهہ ڪٿي، ان لي اولرو اَيمان بہ ڪبو آهي.

مان اَيمانڻ تہ آهيان ئي. اِنڪري ايترو بہ چونديس، تہ منهنجي پيت جو ملهہ روپين ۾ ضرور ڪٿي سگهجي ٿو، ليڪن پاونا-سمپٽيءَ جي حساب سان اها اَنمول آهي. ۽ اها سوڪڙي ڏيندي، مان آلم-مريادا ئي نباهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي آهيان، جو سمجهان ٿي ته جيڪا چيز جنهن جي آهي، سا تنهن کي ملڻ گهرجي. من جي ڪرنڪ کي نظر انداز ڪرڻ جو ساهس مون ۾ نه آهي.

سائلا.

پارسل ڪولي ڏنو، هڪ لاڪيٽ هو. ان ۾ مڙهيل هو، ڪاليج جي آنڊيئنٽي ڪارڊ مان ڪٽيل مهيجو ڦي فوٽو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلا پرڪاش

## مرڪ ۽ ممتا

ٻيءَ ممتا – موراي منهنجي اڳيان بيجان پيئي آهي. ٻار بيجان آهي پر ممتا کي جاندار بڻائي ويٺي آهي. زندگي ڏيئي، نئين زندگي پيدا ڪندڙ، هن ناريءَ ڏانهن نهاريندي منهنجي اکين ۾ آنسو پرجي ٿا اچن. سندس هر هڪ ڳالهه ياد ٿي اچيم. شايد ڪجهه وسريو نه اٿم.

رات، رات ٻاليءَ لي آيس. چڪر ڏيندي سندس بستري وٽ وڃاسين. ڏينهن واريءَ نرس چيو، "هنکي اڄ تڪليف آهي. شايد رات جو ئي ويم ٿي وڃيس."

"هان،" مون خوشيءَ مان سندس هٿ پڪڙي ورتو. پوءِ هن جي زرد چهري ڏانهن نهاري مشڪي چيم، "پر تون ڪلاڪن جي ديري آهي. پڌاءِ، ڪڪو ڪپيٽي ڪين ڪڪي؟" تڪليف سبب سندس چهرو پگهر ۾ شل ٿي ويو هو، نه به منهنجو سوال پڌي مرڪي ڏنائين. مون وري چيومانس، "پڌاءِ؟"

اکين ۾ شرم پرجي آيس. شايد اهو پهريون ٻار هوس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنڪري. مون ميز تان گھنڊي کڻي ڪيس ڏيندي چيو، ”جڏهن گھڻي تڪليف ٿئيئي، تڏهن هيءَ زور زور سان وڄائج.“ مونکان گھنڊي وٺي، پنهنجي وهاڻي هيٺ رکي هوءَ مرڪندي رهي. مان وڃي پنهنجي ڪم کي لڳيس.

رات جو اٽڪل ٽين بجي کن گھنڊي وڄائي‌ائين. مان ڊوڙي ويس. بستري تان اُٿندي، وهاڻي جي ساڄي پاسي رکيل ٻه ٽي گلاب جا گل ڪڍيائين. مون ڪيس پاڻهي سان سهارو ڏنو. پڇيومانس، ”هي گل ڏينهوري روم ۾ ڪٿي هلندين؟“

چيائين، ”لوڪي ٽي ڏيان، سسٽر.“

گلن سان ڪيترو نه پيار هوس! منهنجي ساڻس واقفيت به انهن گلن ذريعي ٿي هئي. هيٺ ’آئوٽ ڊور پيشنٽس ڊپارٽمينٽ‘ ۾ روز سڀي هٿالٽ ايندي هئي. مان نه سمجھان ته هن کو ڪڏهن سور سبب دانهن ڪئي. پين زالن وانگر منهنجو وقت به ڪڏهن ڪين وڃايائين. اِنڪري هوءَ جڏهن دروازي مان اندر گھڙندي هئي، تڏهن مان ڪلي ڪيڪاريندي هئي سانس. هڪ ڏينهن هڪ گلاب جو گل ڏيندي چيائين، ”ٻنا سچاٽپ جي روز هڦڙيءَ منڙيءَ مرڪ سان آجيان ٿي ڪرين، سو اِن شڪر اُدائيءَ لاءِ هي گل ٿي ڏيانءِ، قبول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون خوش ٿي چيومانس، ”ضرور.“

هن وارڊ ۾ گذريل هفتي کن کان رهيل هئي. سندس پتي چندر روز سندس لاءِ گل آڻيندو هو. ٻهرنين ڏينهن مان ڏينهن جي ڊيوٽيءَ تي هئس. مونکي سندس پنهنجي پتيءَ سان واقفيت ڪرايائين. منهنجو نالو ٻڌائي چيائينس، ”هيءَ ڏاڍي مٺي مرڪ مرڪندي آهي.“

انهيءَ ڏينهن ڇهين ٻجي، وڃڻ مهل، چندر مون وٽ اچي چيو، ”ڪو خوف خطرو ته ڪونهي، سسٽر؟“

مون چيومانس، ”اصل نه. ٿوري ڪمزور آهي، انڪري ته اول رهايو اٿئونس. سيون وغيره هٽائيندي ته ٺيڪ ٿي پوندي.“

ڊليوري روم جي ٻاهران نهايت سهڻن ۽ تندرست ٻارن جون تصويرون ٽنگيل آهن. چندر جون نگاهون انهن تي وڃي اٽڪيون. ٽرسي ۽ هٽڪي چيائين، ”مونکي ٿلها ۽ تندرست ٻار وڻندا آهن. اهڙا ٻار، جن کي ڏکو ڏجي ته نه روئن.“ ڏلم ته چوڻ کي ته ويچارو ڇٽي ويو پر پوءِ مڙيوٽي ڪجهه لهي اچي ويس.

الا... هوءَ هيئنر اڇڻ ۾ هوندو. ڪيئن اهڙي بد خبر ٻڌائڻ لاءِ مان ٿي ڇو ڊيوٽيءَ تي آهيان؟ ايترو ساهس مون ۾ ڪٿان اچي سگهندو جو مان ڪيئن اهو ٻڌايان ته سندس پتني هيئنر جيئري نه آهي.

اڄ هيئنر ٿي ته هئي. ٽن ڪلاڪن اندر هي ڇا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي گذريو! مان ٻارهن سال کان هن ئي اسپتال ۾ نوڪري ڪري چڪي آهيان. مون انيڪ موت پنهنجي اکين اڳيان ڏٺا آهن. پوءِ هن جي موت تي اڄ مان ڇو پنهنجي وس کان ٻاهر ٿي ويئي آهيان؟ منهنجو شايد هن سان ڳهاٽو پيار ٿي ويو هو. اکين اڳيان اڃا به رات وارو نظارو ڦري رهيو آهي. پيو ڪجهه ڏسڻ ۾ ئي نٿو اچي.

چئن ٻجي کن هن نهايت ڪڙي دانهن ڪئي. مون ويجهو وڃي چيومانس، "ڇو؟ گهبراءِ نه. ڇا ٿو ٿيئي؟"

درد وچان هڪدم هڪ سڏڪو ڪري ويو. چيائين "مونکي ٽپاٽان ڇا ٿو ٿئي، سسٽر. مان ڪجهه ٻڌائي نٿي سگهان."

سندس ان آواز ۾ ڪيڏي نه پيڙا ڀريل هئي!

مون ڪن رکي، سندس ٻار جي حالت جاچي. حالت ڪجهه بگڙيل نظر آئي. مون وارڊ بواءِ کي موڪلي ڊاڪٽرياڻي ڪماري شاه کي سندس ڪوارٽر مان گهرائي ورتو. ڊاڪٽرياڻي ڪيس پنڌرهن منٽ جاچي پيشانيءَ ۾ گهنج وجهي چيو، "ڊليوري ٿيڻ ڏيو ٿيڻ ڪپي نه نه هن کي خطرو آهي."

مون ٻيو واري وارڊ مان ٻه نرسون گهرائي ورتيون. ٻرياسي جو پنجين ٻجي ٿائين، هن جي پيڙا وڌندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وېئي. آخر ٻاڻ کي روڪي نہ سگهي ۽ اڇي روئڻ ۾ ڇڏڪي. مون دلداري ڏيئي چيومانس، ”ائين نہ ڪر.“

منهنجي همٿ کي زور ڏيئي چيائين، ”مونکي خود لڄ ٿي اچي سنٽر، جو مان روئان ٿي. پر مان ڇا ڪريان؟ الائي ڇا ٿو ٿئيم.“

سندس اهو بيوسيءَ ڀريو آواز روئاريندڙ هو. سندس ’سنٽر‘ ڇوڙ جي لمولي پر بہ پنهنجائي هئي. هن جو دک مون لاءِ اَسهہ ٿي ويو.

ڊاڪٽرياڻي شاہ مون ٽي اچي چيو، ”هنکي آڪسيجن ڏي.“ پوءِ سندس بلڊ پريشر ڏسي، مونکي ڪوٺي چيائين، ”حالت بگڙي رهي آهي.“

اهو نہ مون بہ ڏٺو پئي. کيس آڪسيجن ڏني وئي. پنجن پنجن منٽن بعد سٽي بہ ڀڃي هڻڻي ماڻس. ڪماري شاہ سندس بلڊ پريشر پئي ڏٺو. هوڏانهن هن جو روئڻ ڪڙو ٿيندو ويو. ڊاڪٽر شاہ پنهنجو وڏيڪ وقت وڃائڻ ٻنا، هن ڪاغذ تي صحيح ورتي ۽ پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ڏهن پندرهن منٽن ۾ وٺم ٿي ويو.

ٻار ’اوئان اوئان‘ ڪئي ۽ هن جي ڦڪن چپن تي مرڪ ڊوڙي وئي. ممتا کي اَمر ڪندڙ مرڪ! ٻار جي ’اوئان اوئان‘ مان کيس ڇا مليو، ڪيترو مليو، اهڙي ڪٿ فقط هڪ ماءُ ئي ڪري سگهي ٿي.

ٻاڻ ٻيڙڪي وئي. سندس نبض ڍلي ٿي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جنھن مھل ڪيس ڇوٽين سٽي ھٽي رھي ھئس، تنھن مھل موالط تي پڇي، ”سسٽر، بيبيءَ جي نور ڪيتري آھي؟“ مون پريل دل سان چيو مانس، ”پنج پائونڊ.“

ھن پنھنجون اکيون بند ڪري ڌيمي آواز ۾ چيو، ”اون چندر ڪي چئنج ڇھ پائونڊ نور اٿس.“

منھنجو ھردو ڇوُر ڇوُر ٿي ويو. زوري مرڪي چيم، ”ھا ھا، خيال نہ ڪر. مان سمت پائونڊ چوندي ساٿس.“

ھن اکيون کولي مشڪي چيو، ”تون ڏاڍي سٺي آھين، سسٽر.“

ھي ھو ڇا؟ سندس نبض ٻوري ٿي رھي ھئي. ان ھوندي بہ ھوءَ ڪيئن ٿي ڳالھائي سگھي! ڪيئن ٿي مرڪي سگھي! اسين سڀ ملول منھن ۽ بي آرام دليون کڻي ھڪ ٻئي ڏانھن ڏسي رھيون ھيونسين. ڪيس بچائڻ جي سخت ڪوشش ٿي رھي ھئي. موت ٻڪندو ڏانھنس اچي رھيو ھو. اسين زندگيءَ کي موت کان بچائڻ جي پتن ۾ ھيونسين، پر جيڪا پاڻ زندگيءَ ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ ھئي، تنھن کي ڪاٻہ لنک ڪانہ ھئي. موت نہ سندس اکين جي چمڪ کسي ٿي سگھيو ۽ نہ چپن جي مرڪ. ھن ھڪ زندگي نرماڻ ڪئي ھئي ۽ موت کي شڪست ڏني ھئي.

ڪِن لاءِ دل ۾ آيم تہ کيس ٻڌايان تہ ھوءَ شايد ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڙين جي ني مهمان آهي، ٻه سندس اکين ۾ جيڪي سندر سپنا پرجي آيا هئا، سي ڪنهن جي شڪتي مون ۾ اچي ڪٿان ؟

ماڻ ٻه 'ماءُ' آهيان. مولڪي سڌ آهي ته هن اُن گهڙيءَ ڪهڙا سپنا ٿي ڏٺا. منهنجيءَ ڪڪيءَ ڪنم جو جنم ٻڻ هن ني ڪموي ۾ ليو هو. سندس جنم ڪان ١٥ ڏينهن ڪن اُڳ مان اسپتال جي ساليانې جلسي لي آئي هئس. اُتي ستن سالن جي هڪ ننڍڙيءَ ٻالڪا هڪ دلڪش نرتيه ڪيو هو. ڪنم جي 'اوٿان اوٿان' ٻڌي مون سوچيو هو ته مان ڪيس اهڙي نرتيه جي سکيا لاءِ موڪليندي س. منهنجين اکين اڳيان اسپتال جي ان جلسي جو اسٽيج ڦري ويو. ڏٺم ته اُتي منهنجي ڪنم ناچ ڪري رهي آهي. ستن سالن جو سپنو مون پنجن منٽن ۾ پالي ورتو هو!

مولڪي پڪ آهي ته اُن وقت هوءَ ٻه اهڙن ني سپنن ۾ کوهجي ويئي هئي. گهر ۾ ٻار لاءِ نراڪ ناهي رکي آئي هوندي. ڪيس ڪتي سمهارڻ جو خيال ڪيو هئائين، ڪهڙو ڪمر پيئارڻ جو ويچار ڪيو هئائين، اهو سوچيو هئائين. شايد اهو ٻه سوچيو هونداڻين تہ ڪيس ڪهڙي اسڪول ۾ وهاريندي ...

سڀ ڪان وڏيڪ ڪڪڪالي ڪيس ان وقت لڳي هوندي، جڏهن سوچيو هونداڻين ته شام جو چندر ايندو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار کي ھنج ۾ ڪٺندو، پيار ڪندو ۽ ڪيس ڇيڙي ڪانئس پڇندو، 'تون ڪھڙي آئس؟' ھوءَ ڪوڙ ڳالھائي فلڪ سان چوندي، "ڇھ ڀائونڊ." چندر چوندس، "ھل ڪوڙي." ۽ ھوءَ چوندس، "تنو اعتبار آچيئي نه ڪري سسنڙ ڪان پڇو."

ھوءَ اُن وقت اھڙن ئي مذو ۽ منن سپنن ۾ ڪوھيل ھئي. جڏھن سندس ٻچڙ جي ثوري ٻہ اُميد نه رھي، تڏھن مون پڇيو مانس، "تنھنجي گھر جي آسپاس فون آھي؟"

"ھا، آھي. تون چندر کي فون ڪندينءَ، سسنڙ؟"

مون دل جھلي چيو، "ھا. فون ڪري گھرايانس ٿي."

ھوءَ ٿڙي پيئي. ڪانئس فون نمبر پڇي مان ٻاھر ھلي ويس. مونکي اچي ڏتـر نه ھن جو ٻمجان سراسر پيو ھو!

منھنجين اکين ۾ ڳوڙھا پوجي آيا. ٿورو اڳـ جنھن ڳالھايو پئي، سا ھئي ڪتي؟

مون سندس ڦڪي، پيلي ڇھري ڏانھن نھاريو. سندس بيحس چپن تي اچا ٻہ مرڪ ڪيلي رھي ھئي. سندس اھا ليڪائيندڙ مرڪ جڙ چئي رھي ھئي:

"مان اَچا ڦـائر آھيان. مان ممتا آھيان. مونکي ڪير ماري نتو سگھي. مان جڳن کان ڪيليمندي اچان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجيءَ اَمڙ کي ڪير ڇني نه ٿو سگهي."

مون سوچيو: سچ آهي. ننڍڪار ۾ ته صرف ماءُ ئي ڪندي آهي. ٻار کي پيار ڪندي فقط ماءُ ئي پنهنجي هستي، پنهنجو وجود وساري ٿي سگهي.

مون چوڌاري نهاريو! هوءَ جيڪي گل ڪٽي هن ڪمري ۾ گهڙي هئي، سي پنکڙيون پنکڙيون ٿيا پٽ ۾ پيا هئا. آءٌ موجهائل گلن جون پنکڙيون ميڙي، مون وڃي سنڌس ڪڪي جي ننڍڙن، نڪڙن هٿن ۾ ڏنيون ۽ سنڌس پيشاني چمي چيو، "تنهنجيءَ اَمڙ کي سخت تڪليف هوندي به روئڻ ۾ لڄ ايندي هئي. کيس مرڪڻ بيحد پيارو هو. تون سنڌس باقي نشاني آهين. سڄي عمر مرڪندو رهج."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيگوان ٽلواٽي

## ورڻ جو ڪپيل ڏاس

آئو رڪشا هلي ٿي وڃي. هوءَ ڪجهه دير ٿانڪ طرف بيٺي نهاريندي ٿي رهي. لوهي تارن اندر، پارڪ سڄو سڪي ويو آهي. هوا جو زوردار ڌڪ جهڙ ڪيس ان ٿانڪ طرف ڌڪلي ٿو وڃي. سندس وار اڏي تا منهن تي پون ٿا ۽ ساڙهي ڦڙ ڦڙ ڪري جهڙ ڪيس اڏائي اڏائي ٿي وڃي. ڪائي هٿ وارن کي پلٽي ڪندي ۽ ساڄي هٿ ۾ جهليل هٿيڻ بئگ کي جهڙ اڃا به مضبوطيءَ سان پڪڙي دروازو کولي ٿي ۽ وڏي پڄويهه قدم، ان اجڙيل چمن مان هلندي ورانڊو ختم ڪندي، وچ واري در جي ساڄي پاسي، بجليءَ جي سفيد چمڪندڙ بٽڻ کي دٻائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوي ٿي، ”مونکي ٻهارو آڻي ڏي.“ ۽ نوڪر اکيون ڦاڙي ڦاڙي ڏانهس ڏسندو ئو رهي. ”اڙي بيوقوف ڏسين ڇا ٿو؟ جلد ڪر ! مان هن گهر........“ چوندي چوندي رڪجي ٿي وڃي.

مالا هڪ هڪ ڪمري کي صاف ڪري ٿي ڇڏي. هر هڪ شيء کي صاف ڪري ٿي، اڳهي ٿي. هاڻي سڀئي ڪمرا سيٺي شيون جهڙو ٻهڪي پيئون آهن، ڇمڪي اٿيون آهن. جهڙو هر هڪ ۾ نئين جان اچي وئي آهي. نوڪر وچ وچ ۾ ڪٿين ٻيرا اچي روئي ۽ ڪاڻڪ لاء منٿون ڪيون آهن. صاحب جي دڙڪن جو ڊپ ٻڌايو آهي مگر هوء هڪ ۾ ڪان تي ٻڌي ۽ ڪم ۾ لڳي ٿي رهي. جڏهن سڀ ڪم پورو ٿي ٿو وڃي ته سڀ ڏاڍو ٿي ڀوليي ۽ نوڪر کان گهرائي ٿي وٺي ۽ سيني ڦاٽل ڪپڙن کي سبي ليڪ ڪري سان جاء ۾ ڪٽي ٿي وڃي. جڏهن ڪپڙا نوڙيء ٿي سڪڻ لاء وجهي ٿي، تڏهن شام جي پڇين جو گهگهو ٿو وڃي.

نوڪر ڏاڍي التجا سان ٿو چوي، ”توهان روٽي نه کاڌي، صاحب مونکي ماري ڇڏيندو.“ ۽ ٻاهر موٽر سائيڪل جو هارن وڄڻ جو آواز ٿئي ٿو. نوڪر ڊوڙ پائي ٻاهر ٿو نڪري، مالا دريء کان ٻاهر ٿي ڏسي. سامهون رستي تي ڪمل موٽر سائيڪل جهلي بيٺو آهي ۽ نوڪر کي هڪ نوڪري ڏيندي ڪجهه سمجهائي رهيو آهي. اوچتو ئي اوچتو ڪمل جو هٿ ڏک هٿڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌ! ٻنهنجو صاحب هيئن سڄو سڄو ڏينهن گهر ۾ نه ايندو آهي ڇا؟"

"ها ڪڏهن ڪڏهن نه سڄو سڄو ڏينهن ڪونه اچي ۽ ڪڏهن سڄو سڄو ڏينهن ٻاهر ڪونه نڪري."

پر گهٽ ۾ گهٽ اڄ نه ڪيس گهر ۾ رهڻ کپندو هو. گهر ۾ .... هوءَ سوچي خاموش ٿي ٿي وڃي. وري سوچي ٿي، اڃا به همت آيس. هلي وڃان هان ماسيءَ وٽ. موٽڪي همت اچڻ نه کپندو هو ۽ ڪوپ رکندي اٿي ٿي ٻهي ۽ پلنگ ۾ همٿ ٿي وڃهي. نوڪر واٽون جيان ڏانهس نهاريندو ٿو رهي ۽ چڻ مڻ بوجو هٽائيندو ٿو چوي، "صاحب اچي، پوءِ وڃجو نه! هن نه توهان لاءِ روٽي ناهڻ لاءِ به چيو آهي."

"اها روٽي پنهنجي صاحب کي ٿي کارائج!" ۽ دروازي طرف وڌي وڃي ٿي. ٻاهر موٽر سائيڪل جي رڪجڻ جو آواز ٿئي ٿو ۽ مالا گهبرائجي ٿي وڃي. اينتري ۾ ڪمل اندر پهچي ٿو وڃي. "ڇو مالا ڏيوي هن مهل ڪيڏانهن؟ هيئتر نه گاڏي به ڪونهي ۽ توهان جنهن ڪم لاءِ آيا آهيو سو به نه سياڻي ٿيندو."

"مان ماسيءَ وٽ ٿي وڃان!" مالا جو ڪنڌ جهڪي ٿو وڃي.

"مگر توهان جي ماسي نه اُبو ڀاڙ ٿي وئي آهي."

"نه پوءِ ........ پوءِ مان موهنا جي گهر وينديس."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جيتري قدر مونکي خبر آهي، اهڙا ٻه همه ڪانهي.“

مالا من ئي من ۾ جهڄهلائي ٿي الي، ”نه .... نه .... پوءِ ........“

”اها ته توهان جي مرضي. مگر مان سمجهان ٿو هت لو هانکي ڪابه تڪليف ڪانه ٿيندي.“

۽ مالا جڻ هارائي ٿي وئي. هُنجو پاڻ ۾ جهڄهلائي ٿي اٿي. ائين پيو لڳي اجها رني. ڪمل نوڪر کي چيو ته بئگ اندر ڪمري ۾ رکي ۽ بيڊروم ۾ هنلاءِ بسترو لڳائج ۽ مان الائي ڪيڏي مهل موٽان. منهنجو بسترو ڊرائنگ روم ۾ لڳائج.“

ڪمل ڊرائنگ روم ۾ هليو ٿو وڃي. هنجون اکيون هڪ منٽ لاءِ وچين ميز تي جمي ٿيون وڃن ۽ پوءِ هڪدم شيشو ڪسڪائي ان هيٺان فوٽو ڪڍي ٿو وٺي ۽ ان کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري دريءَ کان ٻاهر ڪڍي ٿو ڦٽو ڪري. مالا کي لڳي ٿو، ڪنهن لغڙ جي ڏور وايومنڊل ۾ ڪٽجي وئي ۽ لغڙ ڪنهن وڻ ۾ اٽڪي ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. يا ان ٽٽل تاري جي آسمان ۾ ڪا هستي ڪانهي ۽ .... ۽ اها ميز هيٺئر بلڪل ننگي پئي لڳي، جهڙو آسمان! جنهن ۾ هيٺئر ڪجهه به ڪونهي ۽ ڪمل جي هستي هن سنسار ۾ ڪجهه به ڪانهي. ڪمل هڪدم ڪمري کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي.

مالا به ڪافي دير پٿر جي مورتيءَ جيان اتي بيٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڪر ڪجهه به سمجهي نه سگهي ته ڇا ڪري.
”ننڍڙو صاحب آيو آهي؟“
”نه!“
”ڇگو وڃ!“ ۽ ٻانهن ۾ ٻڌل واچ ۾ ٽائيم تي ڏسي.
ساڍا ڏهه! مالا سوچي ٿي، ڪمل بلڪل آواره ٿي ويو آهي مٿس ڪابه روڪ ڪانهي.
رات ڪافي گذري چڪي آهي، اوچتو مالا جي اک کلي ٿي. سوچي ٿي، مونکي ننڊ ڪيئن اچي ويئي. دروازي کان ٻاهر ڊرائنگ روم جي روشني ورانڊي ۾ سمهي پئي آهي. سمجهي ٿي، ڪمل شايد جاڳي پيو. اٿي آهستي آهستي دريءَ ٽائين اچي ٿي.
ڪمل صوفا سيٽ تي ويٺو آهي. سگريٽ سڙندس آڱرين جي وچ ۾ جلي رهيو آهي ۽ گلاس ميز تي سامهون وچين ميز تي رکيو آهي. مالا جي من تي جڻ زوردار ڌڪ لڳو.
ڪمل گلاس کڻي چپن ٽائين مس کڻي آيو ته هڪ زوردار جهٽڪي سان گلاس وڃي ٺڪ ڀڄي پيو ۽ ساڳيءَ ٽيوي سان ڪمل جو هٿ مالا جي ڳل تي وڃي لڳو.
”شٽ.“ ۽ ڪمل ان تي ڦڙتيءَ سان اٿي ٿو چوي-
”پيهرم لوڪي کهڙو ....“
مالا ڪپهل وڻ جي ڏار جيان ڪري ٿي پوي. ڪمل جي ٽنگن ۾ ڇيهڙي ٿي پوي. ”مونکي معاف ڪر،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمل معاف ڪر ....“

ڪمل جون ٽنگون ڄڻ ڪنهن ول ۾ .... ڪنهن آڪٽوپس جي ڦاڪر ۾ جڪڙجي ويون هجن. سندس هردو ڪجهه اڃا ۾ اشانت ٿي ويو ۽ ....... ڪجهه ڪڻن بعد جهڪي مالا کي ٻانهن کان جهلي اٿاري ٿو.

هينئر مالا ڪمل جي ٻانهن ۾ آهي ۽ ڪمل جون ٻانهون وڪوڙيل آهن. ڄڻ وري ڪڏهن به نه ڪلنديون ۽ ڪمل جا چشم تر آهن. مالا جي اکين مان به ڳوڙهن جي هلڪي برسات شروع ٿي ويئي آهي. ***



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هري هيمٿاڻي

## نه وسرندڙ گھنٽا

شروعاتي ڏڪار جا ڏينهن هئا. سج لهي چڪو
هو. ماڙيءَ ۾ گهري خاموشيءَ سان ڪڏ
گهرو انڌڪار ڇانيل هو ٻري ڪان اڌوري
اوساري ٿيل مڪان ڏانهن نهاريندي
انهن ۾ ٽي لڳو نہ بس اڇهو ڪي سدن
اونداهن منهن مان ويراني واڪا ڪندي
ٻاهر نڪرندي ۽ دور واديءَ جي چوٽين
تائين ڦهلجي ويندي.
هيمن هميشه وانگر اڄ به پاٽيءَ جي ٻالٽي
ٻري، سڙڪ جي ڪناري وڏي پٿر تي
اچي رکي هئي. رات جو اتين سانڍي
انهن ٻجي جڏهن هو مو ٽري ويندي هئي
۽ دوڪان تي ڪوبه خريدار نه هوندو هو
تڏهن هو آلي اشنان ڪندو هو. ان بعد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڇهرو ڪيس ڪجهه ڄاڻل سڃاڻل پئي لڳو. هوءَ ڪيس ڇڱيءَ طرح ڏسي ٿي ڏسي ٽنهن ڪان اڳ ٽانگو وري اونده جي گهيري ۾ وڃي داخل ٿيو. ان باوجود به ڪيس ان ڳالهه جي ڄڻ پڪ ٿي ويئي ته لاشڪ هوءَ اُهائي هئي.

ٿورا ڏينهن اڳ هوءَ ڪٽپتي اسڪول ۾ پنهنجي ٻار جي داخلا لاءِ ويو هو. اُتي ٻار جي پارس ڪندي ڪلاس ٽيچر سان سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ به ٿيو هو. هوءَ اُهائي ته هئي!! اهڙو ويچار ايندي سندس اکاڙي پٺيءَ ۾ ڄڻ ٽڏ ڪهڙي ويئي.

گهوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ڪپهل پري ٻرسالي نالي جي پل وٽ پهچي بند ٿي ويو. هيمن اڃا سان ئي پٺي ڪيو جو ٽانگو واپس موٽي سندس دوڪان وٽ اچي بيٺو. ٽانگي واري آکيو، ”ادا بيڙيون ملنديون؟“

”ڇو ڪونه ملنديون ڀائي. رکو ٿورو ترس مان لڳ اکهي وٺان.“ ائين چئي هيمن ڪائنس پڇيو، ”سوارين کي ڪٿي ڇڏي آئين؟“

”وڏيءَ پل وٽ“

”وڏيءَ پل وٽ!؟“ هيمن عجب مان ڇيو، ”پر اوڏانهن ته ڪوئي به نه رهندو آهي.“

”ڪوئي رهندو آ ئي يا نه سو هوءَ ڄاڻن. باقي ڪي ته سوارين جي اچا پتالس ٽي هلڻو آهي.“

”تنهنجي ڳالهه ته صحيح آهي پر اوڏانهن ڪنهنجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نه گهر ڪرڻي.” هيمن جي واتان وري نه عجب واري لهجي ۾ اهي اکر نڪري ويا.

تڏهن ٽانگي واري چيو، ”ڪنهنجو گهر ناهي ته پنهنجو گهر اڏيندا. ان ۾ عجب ڪانهي جي ڪهڙي ڳالهه آهي بابا! دنيا ۾ رڳو کيل ڪرڻو ٿو پوي. کيل سان گڏ پاڻي به ٿو پوي. اهڙا لقاءُ ته اسان الائي گهڻا ڏسندا هونداسين. پر ڪنهن جي نجي معاملن ۾ پنهنجو ڇا؟ سؤدو ته رضا جوئي هوندو آهي. رضا لئي ته رب به راضي رهندو آهي.” ٽانگي وارو ائين چئي ويو ڄڻ هن جي نظر ۾ اها تمام خصيص ڳالهه هئي.

ڪن دير شانت رهي هيمن پڇيو، ”سواريون ڪٿان مليون هيون؟”

”مئجيسٽڪ سينما وٽان. اڄ کيل مان ٻاهر نڪتا هئا.” ائين چئي ٽانگي واري طنز مان چيو، ”کيل ٿي ته ڏسڻو آهي نه. هوءَ نه ته هي سهي.”

اهو سڀ ٻڌي هيمنداس جو دماغ ڄڻ چڪرائجي رهيو هو. ڪا ٻي ڇوڪري هجي ها ته پوءِ هوءَ به ان ڳالهه کي شايد ايڏو مهتو ڪين ڏئي ها. پر هيٺر سندس من جي حالت ڪجهه ٻي هئي. هن لڳ اکهي ٽانگي واري کي ٻيڙين جو بنڊل ڏنو. ٽانگي واري ليلي ٻاري ٻيڙي دکائي ۽ پوءِ رمتي جوڳيءَ وانگيان ڪو ڪلام جهونگاريندو گهوڙو هڪلي هليو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي هن پڇيو، "ڪيئن اچڻ ٿيو آهي سيٺ. حڪم ڪريو."

"دامودر لون لٺ ڪٽي مون سان گڏ هل."

"لٺ ڪٽي؟" دامودر عجب ۾ پئجي پڇيو، "ڇا ڳالهه آهي سيٺ؟"

"آهي ڪو شڪار."

"شڪار!" دامودر تهائين عجب مان پڇيو، "ڪهڙو شڪار آهي سيٺ؟"

"هاڻي اهي سڀ سوال هت ئي پڇڻ ويهندين ته پوءِ ٻاڪئون پڪو. جلدي هل. دير اصل نه ڪر."

دامودر ڊڪ پائي ڏنڊو کڻي آيو. گهر جو دروازو ٻڪڙي چيائين، "هلو سيٺ."

اُن شڪار بابت ڄاڻڻ جي دامودر جي دل ۾ ڏاڍي اورا کورا هئي. ڪجهه وکون مس کنيون هئائين جو وري پڇي ويٺو، "ڪهڙو شڪار آهي سيٺ؟ هاڻي ته ڪجهه ٻڌاءِ."

هيمن کي لڳو ته شڪار جو لفظ زبان تي آڻي هن ڄڻ وڏي ڀل ڪئي هئي. اُن ڀل کي سڌارڻ خاطر هن چيو، "اڙي شڪار ٻڪار وري ڪهڙو آهي! هڪ ڇوڪرو ڇوڪري بدنيت سان هن طرف آيا آهن. اُنهن کي ذرا اِن ڳالهه کان روڪبو. هاڻي ته سمجهئين؟"

"سڀ ڪجهه سمجهيم سيٺ." ائين چئي دامودر هينئين ڇپ ڪري ڇپ سان آلو ڪندي چيو، "شڪار ٻڪار وري ڪيئن نه آهي! اِن کان وڌيڪ ٻه ڪو ٻيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دامودر جي اکين مان حوس جون چڻگون نڪرنديون رهيون. هوءَ جيئن ئي اڳتي وڌيو ته هيمن رڙ ڪري چيس، ”دامودر....“

دامودر بهي رهيو. چيائين، ”سيٺ مان نمڪحرام ڪونه ٿيندس پهريان تون پوءِ مان. مان ته تنهنجي جوُتي ئي کائيندس.“

هيمن جي وارن وري به هڪ زوردار رڙ نڪري ويئي، ”دامودر....“ انهيءَ رڙ جو پل جي ديوارن کي به ڌوڏي ڇڏيو. دامودر سمجهي نه سگهيو ته هوءَ هيئن پاڳلن وانگر ڇو چلائي رهيو آهي ۽ کيس ٿي ڇا ويو آهي؟ اُليٽي وري کيس ڇڙ ڏياريندڙ لفظ ٻڌڻ ۾ آيا، ”دامودر هن کي ڪپڙا موٽائي ڏي.“

”ڪپڙا موٽائي ڏيان!؟ تنهنجو هوش ته ٺڪاڻي آهي نه سيٺ.“

”ها منهنجو هوش ٺڪاڻي آهي. جئن مان چوانءِ ٿو ائين ڪر.“

”ائين ته دامودر ڪري نه سگهندو. هيڏيءَ سٺيءَ ڇوڪريءَ کي دامودر ڇڏي ڏئي، اهڙو ڪچو ڪم دامودر ته اڄ ڪيو آهي نه هاڻ ڪندو. ها باقي هڪ ڪم دامودر ضرور ڪري سگهي ٿو.“ انهن چئي هن ڪاجوراهو جي بت سمان بيٺل شخص ڪي هڪل ڪري چيو، ”اڙي هيڏانهن اچ.“

هوءَ ڪنبندي ڪنبندي ٽورو اڳيان رڙهي آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اِها واچ لاهي ڏي.“

هن چپ چاپ واچ لاهي ڏني.

”اِها منڊي وري ڪنهن سينڊيءَ کي ڏيڻ لاءِ رکي اٿيئي؟ لاهي ڏي اِها به.“

هن بنا ورود ڪرڻ جي منڊي به لاهي ڏني.

اُن بعد تمام لکي آواز ۾ دامودر چيو، ”ڪڻ ڪپڙا ٻه پنج هٽان.“

ڪاجوراهو جي بت جا همت پير ڏڪي رهيا هئا. هن پنهنجا ڪپڙا پوريءَ طرح اچا سنڀالي نٿي نه ڪيا هئا جو دامودر ڏنڊو اُپو ڪري چيو، ”اچا اِلي بيٺو آهين؟“

بس پوءِ ته ڪپڙا ڪٽي هوُ پل جي ٻئي طرف کان اُنهن پکو جڻ اُن رستي کان اڳيئي واقف هو.

دامودر هيئر جهڪي ڇوڪريءَ جا ڪپڙا ڪٽي ورتا. جي هوُ ڪيس سولائيءَ سان ڏئي نه ٿي سگهيو. اُن لاءِ هوُ ڪهڙيءَ به مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هو.

هيمن چيو، ”دامودر باقي ڇوڪريءَ جا ڪپڙا.“

”اُهي نه ڪيس موٽائي ڏينداس پر ذرا پنهنجو حساب چڪتوُ ڪرڻ کان پوءِ.“ دامودر ٺڏرتا وچان ٺهڪ ڏئي چيو.

”دامودر بيوقوفي نه ڪر.“

”مان بيوقوفي ڪونه ٿو ڪريان سيٺ. ذرا لون پنهنجا اکر ياد ڪر ته ڇا چيو هوءِ؟ شڪار سان شڪار جهڙو ئي ورتاءُ هلمو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڳڙهن مونکي اِها خبر ڪونه هئي ته هيءَ ٻي ڪا ڇوڪري نه پر منهنجي ڀيڻ ٿي هوندي." اِهي اکر هيمن ڏاڍي جذباتي نوع ۾ چيا.

دامودر جي چهري جو جڻ رنگ ئي ڦري ويو. هوءَ ڦاٿل اکين سان هيمن ڏانهن نهارڻ لڳو. هيمن چيو، "ها دامودر هيءَ منهنجي ڀيڻ آهي، سڳي ڀيڻ."

دامودر جون آڱريون جي ٽوررو اڳ ڏنڊي کي مضبوطيءَ سان جهلي بيٺيون هيون، ڍليون پئجي ويئون. ڪپڙا اُلٽي پٽ تي ڇڏي ڪلڊ هيٺ ڪري پل کان ٻاهر نڪري هليو ويو.

هيمن به پل کان ٻاهر نڪري رستي تي اچي بيٺو. هوءَ ڏسي رهيو هو دامودر ڪاٿس پري ۽ پري ٿيندو وڃي رهيو هو.

ٿوريءَ دير بعد ٿڌي آسماني رنگ واريءَ ساڙهيءَ ۾ ملبوس هوءَ پل کان ٻاهر آئي ته هيمن کيس ڦٽڪاريندي چيو، "ماسترياڻي ٿي ڪري ڪون اهڙا ڪم ٿي ڪرين، شرم نٿو اچيئي. اِنهيءَ کان ٻڏي مرڻ گهرجئي."

ماسترياڻيءَ جو لفظ ٻڌي اُهوءَ ڏڪي ويئي. گناهه ڪنهن غير اڳيان ظاهر ٿيندو آهي ته به اِنهن سمجهبو آهي اُهو اجا به جڻ ڍڪيل آهي پر واقفڪار اڳيان ظاهر ٿيڻ تي گناهه جو روپ وڏو خوفناڪ بڻجي ويندو هي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيمن چيو، ”تون ڪٿي اسڪول ۾ ماسترياڻي آهين نه؟“

هن هٻڪندي هٻڪندي چيو، ”ها“

”منهنجو ٻار تنهنجي ڪلاس ۾ پڙهندو آهي. هن اوجهڙ پاسي توکي ٽانگي ۾ ڏسي مونکي ڏاڍو عجب لڳو...“ هيمن چپ ٿي رهيو هو جو هوءَ يڪدم هن جي پيرن ۾ جهڪي ويهي رهي، ”منهنجي عزت توهانجي هٿن ۾ آهي، اُن کي ڍڪيو چاهي اُگهاڙو ڪيو.“

هيمن کيس ٻانهن کان اُٿاريندي چيو، ”تنهنجي عزت خاطر ته مونکي اهو پارٽ ڪرڻو پيو. وري به قادر جو ڪرم ٿيو جو دامودر پيءُ جي لفظ جي لڄ رکي موٽي ويو. نه ته سندس روپ ڏسي مان ڏاڍو ڊڄي ويو هوس. اهڙين حالتن ۾ دوست، دوست جو خون به ڪري ڇڏيندو آهي.“

ٽارچ جي روشنيءَ ۾ هو دوڪان طرف وڌي رهيا هئا. هوءَ روشنيءَ طرف زمين ۾ نظرون کپائي هلي رهي هئي. هيمن جو من اڃا به کيس ڦٽڪارڻ لاءِ چڻ ڦٽڪي رهيو هو. ٿوري دير جي شانتيءَ بعد هو وري چوڻ لڳو، ”جنهن سان تون پيار ونڊڻ آئي هئينءَ سو ڇوڪري غيرن جي هٿن ۾ سونپي آئي ويو. پيار ۾ قربانيءَ جو اهڙو مثال ڳوليندي به ڪٿي نه ملندو.“ اهترو چئي هو چپ ٿي ويو. سوچيائين، ڦٽيءَ کي وڌيڪ ڦٽڪارڻ سٺو نه آهي. سياڻي هوندي به اڳتي اهڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدم نہ کڍندي.

ڪجھ دير خاموش رهڻ کانپوءِ هيمن پڇيو، ”لوڪي گهر ڪانئين ڇڏي اچان؟“

هن چيو، ”توهان مونکي رڳو ميٽن روڊ ڪانئين ڇڏي اچو. اُتان مان ٽانگو ڪري هلي ويندس.“

هيمن کيس ميٽن روڊ تان ٽانگي ۾ اماڻي واپس دوڪان تي موٽي آيو. دوڪان اُنهيءَ خالي پيو هو جئن هوءَ ڇڏي وئي هئي. البت ٻاهر ٽنهي ۾ شمعدان ٻهرندار جو پرليک ٻڌجي پئي رهيو هو! **



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سگڻ آھو جا

## رعب

سنڌان جي ڪوٺيءَ کان ٻاهر نڪري، خوشيرام رنڌڻي ۾ ويٺل گيانيءَ کي چيو، "ھو ٻ، سونو جي ڦر آئينو پکو ڪيئن؟"

گيانيءَ ٻڌان ڪنڌ مٿي کڻي جي، اَٽي جي چاڻي ۾ دال وجهندي چيو، "قميص ڪليءَ ۾، پتلون ٻيٺيءَ ۾ پيٺي اَٽڪ."

خوشيرام چڙ مان چيو، "مونسان منهن مولڏانهن ڪري ڳالهاءِ! سمجهه ته مون قميص ٻ پاتي ۽ پتلون ٻ پاتي، هاڻي سيڌ ڪيئن ڪيان؟"

گيانيءَ ڪنڌ مٿي کڻي ٻڌان ني چيو، "ڪالهه والڪو اَج ٻ سومي ماھ وٺان آئينو آڻي ٿي ڏيانو، ڪپڙا ته پاتو!"

ڪپڙا پاڇي ته ڪين ٿا وڃن، مان تو پڇان، ڇا توکي غصو نٿو اچي پنهنجي پت تي؟ ھي ٽيون آئينو پکو اَٽاٽين ٻن مهنن ۾!"

گيانيءَ ڦلڪو ويلڻ بند ڪيو ۽ خوشيرام ڏانهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھوريندي چيائين، ”ڇهه ڏينهن لنگهي ويا آهن جو هن
آئينو ڀڳو آهي، اڃا توهان کيس مار به نه ٿا ڏيو!
مون ته ڪڏهن ٿي ٻه ٽي ويلڻ ٽڪا ڪرايس، توهانجي
خبر نه آهي ته آلائي ڪڏهن سزا ڏيندوس.“

”هي تنهنجو جواب آهي! ماءُ ٿي، پٽ کي مار
ڏيڻ جي سفارش ٿي ڪرين؟“

ٿڪي ٿي پيل قلڪي جي ڪناري ناهيندي گيانيءَ
جواب ڏنو، ”جيستائين نئون آئينو نه آيو آهي تيستائين
نه هو اُن سيءَ ۾ پيو ڳوري نه اجهو ٿي سزا ملي!“
قلڪي جو پاسو بدلائي ۽ مڙس سان اکيون اکين ۾ ملائي
هن وڌيڪ چيو، ”سپ نه ماريندو آهي ايترو، جيترو
سپ جو سراپ. سزا ڏيوس، نه هڪ ڪاني، هن روز روز
جي ڏک ڏک کان نه ڇُٽي پوي.“

خوشيرام ڪمر سان ٻڌل ٽوال جي ڪنڊ ڇوڙي وري
نئين سر ٻڌي ۽ پوءِ گيانيءَ جي منهن ۾ ڇتائي نهاريندي
چيائين، ”توکي شايد خبر نه آهي ته مان هن دفعي
کيس ڪا نئين سزا ڏيڻ لي سوچي رهيو آهيان.“ ۽
هلڪي آهه ڀري وڌيڪ چيائين، ”ڀر ڇهن ڏينهن ۾ به
ڪا اهڙي نئين سزا سوچي نه سگهيو آهيان، جنهن
سبب هو اهڙين حرڪتن کان بنهه باز اچي.“

گيانيءَ ذرا جوش ۾ چيو، ”ٻارن کي سزا ڏيڻ لاءِ
ڇهه ڇهه ڏينهن سوچيندا ٿا رهو. ڪڏهن ڪي ڇهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن ٻارن کي پيار ڪرڻ لاءِ به سوچيو اٿئو؟“

”ضرور ئي ڪهڙو آهي ۽ ڪون ڪين ايترو نه پيار ڪوئن ٿي جو منهنجي پيار جي ڪمي به پوري ڪري ٿي ڇڏين.“

پو به پيل ٻئي جي پاڻيءَ مان هڪ ڏوئندي گياني، چيو، ”ماءُ جو پيار نه فقط ماءُ جو ٿي رهندو، منجهائنس ٻيءَ جي پيار جي ڪهڙي ٻوءِ ايندي؟“

خوشيرام هلڪي کل کلندي وراڻيو، ”ٿون شايد سچ ٿي چوين.“

گيانيءَ اٿندي ۽ زور سان پاڻيءَ وارا هٿ ڇنڊيندي چيو، ”بس، رڳو سچ ٿي چوان؟“

خوشيرام وري به هلڪي کل کلي چيو، ”اڄ رڳو سچ ٿورو ٿي چوان. اڄ، مونکان به سچ چوائي ڇڪنديون.“

گياني هڪ گهڻو انتظار سان خوشيرام جي مشڪندڙ منهن ڏانهن نهارڻ لڳي. خوشيرام پنهنجا ٻئي هٿ ڊگها ڪري، هن جي ٻنهي ڪلهن تي رکيا ۽ سندس نگاهن سان پنهنجون نگاهون ملائيندي، سرگوشيءَ جي لهجي ۾ چيائين، ”توکي اڄ هڪڙي راز واري ڳالهه ٿو ٻڌايان. پر اها ٻارن کي نه ٻڌائج. ٻڌ، مان اڄ راس جو ننڍ مان اُلي ڪين پيار ڪندو آهيان. ٻنهي ٻچن جا فوٽا مان ڪيسي ۾ کڻي گهمندو آهيان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيانيءَ هڪ اولهو ساهه ڇڏي اکيون هيٺ ڪري
چيو، "پڪوان توهانکي ان پلانيءَ جا پاڙا ڏيندو!" ۽
اکيان وڏي آڱوٺي سان هٿ اگهندي هن چيو، "پر
وري به انهيءَ کي پيار نه ڇمبو! جن کي توهين پيار
ڪريو ٿا تن کي نه خبر ٿي ڪاڻ ٿي پوي."

"توُن ماءُ جي پيار ۾ ٿي پوري رهه، توکي پيءُ جي
پيار جي ڪهڙي خبر!"

گيانيءَ هڪ سرد آهه ڀري ۽ هن جي اکيان سراڪو
ڀاڻي، سومي ماءُ وٽان آئيو آڻڻ لاءِ در ڏانهن وڌي.
خوشيرام به لپڪي، سراڪو ڀاڻي، سندس ڪلهن کي
پنهنجي هٿن سان هلڪو زور ڏيندي چيو، "اڄ تون
مونکي ڏاڍو وڻين ٿي!"

سندس هٿن کي زوردار جهٽڪي سان هٽائي،
گياني گهر کان ٻاهر هلي وئي.

ٽي چار ڏينهن پيا به گذري ويا پر شيام کي ڪا
مار نه ملي. اهي ٽي چار ڏينهن، شيام رات جو اهو
سوچي سمهندو هو ته ڪيئن صبح جو ننڊ مان اٿاري
مار ڏني ويندي. پر جڏهن ننڊ مان اٿاري مار ڪين
ٿي ڏني وئي، تڏهن پنهنجي وڏي ڀاءُ رام سان گڏجي
اسڪول اسهڻ کان اڳ، گهر ۾ ڪلاڪ اڌ جيڪو
سنيوڻ ۾ لڳندو هئس، تنهنجي منت منت ۾، هو
تصور ٿي تصور ۾، خوب مار کائي وٺندو هو. ليڪن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين هو گهر ۾ هوندو هو ليستائين سندس مار ڪاڻ جو اهو تصور بلڪل ڌنڌلو هوندو هو. مار ڪاڻ جو سندس تصور اسڪول ۾ وڃي ٿي چٽو ٿيندو هو، جتي انهن ماستر صاحب جي پياري پياري ڳالهين جي اوٽ ۾، هن کي ائين ٿي ته ڄڻ ماءُ مار ڪاڻ جي سوچڻ جو نه وقت ملي ويندو هو.

ٽي چار ڏينهن سوچيندو، ڪنهن - منهنجو سانجهيو ن ۽ پڻ رليون آيو ن ۽ شيام کي ٻيا ماءُ ڪاڻ جي گذري ويئون. ۽ ان بعد، هڪ صبح جو، خود ٿي سوير ٿيو جاڳي، شيام بستري مان ٽپ ڏئي، اتي ئي ۽ جي سامهون وڃي ڪيس چيو، ”اون مونکي ماءُ ڇو نه ٿو ڏين، بابا؟“

خوشيرام کان ڇرڪ نڪري ويو. هن سامهون بيٺل اٺين سالن جي ڇوڪري، جنهن کيس ’لوهان‘ بجاءِ ’لون‘ سڏيو هو، ڏانهن گهوريندي کيس سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. هي ڳالهه ڇو ڇوڪرو جو شايد سندس ٿي پٽ هو، ڇئي ڇا رهيو هو؟

شيام کي ٽڪ ٽڪاءَ ٿي ويئي. خوشيرام اکيون شوخ ڪري ٽڪ ڪانيندڙ پنهنجي پٽ جي ماءُ ڏانهن نهاريو.

گياني ۽ پريل ڳلي سان چيو، ”آيا پٽ، لوهالڪي پيار ۽ ماءُ وٽان ٿي نصيب ٿيندو نه مار ۽!“ ائين چئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ به روئي ويٺي ۽ شيام سان گڏ رام کي به کهليندي ونڊڻي ۾ وٺي ويئي.

خوشيرام نوڪريءَ لاءِ اُسهڻ جي وقت تائين سڀ ڪجهه صبر ۾ ڏسندو ڪندو رهيو.

ساڳيءَ سانجهيءَ جو نوڪريءَ کان موٽندي، هو نئون آئينو خريد ڪندو آيو، جو اڃي هن گهر جي پٺ ۾ لڳل ڪوڪي ۾ لٽڪائي ڇڏيو.

ڪلاڪ بعد هن ڏٺو ته شيام سندس پر ۾ ٻاسيرو بيهي، ڏاڍي هٿ ۾ نئون آئينو جهلي، ساڄي هٿ ۾ جهليل قلوٽي سان سنڌ ڪڍي رهيو آهي. خوشيرام ڏٺو اُٿلڏنو ڪري روئي کائڻ ۾ مصو ٿي ويو. اوچتو شيام جي هٿ مان آئينو ڇڏائجي وڃي پٽ پيو. رام، گياني ۽ خوشيرام ٽنهي ڇرڪ ڀري پٽ ۾ نهارڻ بجاءِ، شيام جي چهري ۾ گهوريو. آئينو پڪو ڪين هو. شيام آئينو پٽ مان کڻي ورتو ۽ اُن کي اُٿلائي پٿلائي ڏسڻ بعد هـو اُهو کڻي ٻـاهر هلڻ لڳو. گهر جي دروازي وٽ بيهي، هـن دروازي کان ٻاهر چانئٺ وٽ آئيني کي وٺي ستيو. آئينو ڇيهون ڇيهون ٿي ويو.

هڪ اُڏامندڙ انظر سان گيانيءَ ۽ پڻ رام در وٽ منهن ۾ سونهن پاڻي بيٺل شيام ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پيڙيندڙ انتظار جي اَحساس سان خوشيرام ڏانهن نهاريـائون.

خوشيرام منهن مان پاڻيءَ جو گلاس ڪڍي، رام ڏانهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهاريندي ٽهو سان چيو، ”ٽڪر ميڙي ڪٺي ڪنڌ پاسي گڏڻ ۾ ڦٽا ڪر، جيئن ڪنهن کي لڳن نه.“

رام حڪم جي بجا آوري ڪئي.

آرام سان روٽي کائي وٺڻ بعد خوشيرام منهن ۾ سونڊ پاڻي ٻيٺل شيام جي پڙ مان لنگهي گهر کان ٻاهر نڪري ويو ۽ رات جو دير سان گهر موٽيو.

خوشيرام جي گهر کان ٻاهر نڪرڻ بعد، گيانيءَ شيام کي اچي ٻاجهه سان چيو، ”ٻلي، هرويرو نقصان ڇو ڪيئه؟“

شيام روئي ويٺو ۽ روئندي چيائين، ”ٻوءِ ٻلا دادا مونکي مار ڇو ڪين ٿو ڏئي؟ گهٽ ڏينهن کان پوءِ ڏيندو نه گهٽي مار ڏيندو نه؟“

”چريا، اڳيون آئيندو ته جيڪو پڪو آهي، تنهن لاءِ دادهن توکي ڪا سزا نه ڏيندو. ڏٺي هجيس ها ته ڪڏهوڪو ڏئي ڇڪيئي ها.“

”تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين. اُن ڏينهن جو تو چيس ته سزا ڏينس نه هن نه چيئه ته 'مان ڪنهن نٿين سزا لاءِ سوچي رهيو آهيان!' جڻ ته مون ۽ رام دريءَ ٻاهران ٻيهي ٻڌو ٿي ڪين؟“

”چڱو ٻلا، جڏهن دادهن توکي اڳتين آئيني پڇڻ جي سزا ڏيندو، تڏهن رام ۽ مان توکي ڇڏائيندا سين. هاڻي نه سزا کائڻ جو خيال لاهي ڇڏ!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"توهين ڇڏائيندا، اِهو سوچي ته هي آئينو توهانجي سامهون پيئم."

"چڱو، ٻلي ۽ هاڻي جيڪو پيئڻ سو پيئڻ، ٻيو نه پڇجانءِ!"

"ٻيو آئينو نه پڇڻ جو انجام ٻڌهن ڪندس جڏهن تون انجام ڪندينءَ ته مونکي دادا جي پير ۾ اَڪيلو نه ڇڏيندينءَ. دادا گهر ۾ اچي مس ته تون منهنجي پرسان هججانءِ. ۽ هوُ مار ڏئي ته تون يڪدم ڇڏائجانءِ - يڪدم."

"انجام! انجام! چڱو هاڻي هل اَندر ته اَڄ مان توکي هڪ سٺي سٺي ڇوڪري جي ڳالهه ٿي ٻڌايان."
پو شيام کي پلنگ تي پـر ۾ سمهاري، گيانيءَ جڏهن ڪهاڻي شروع ڪئي، "هڪڙو هو سٺو سٺو ڇوڪرو." ته شيام سُتي ٿي سُتي وچ ۾ ڪٽي ڇيس، "پاپي! توکي سٺن سٺن ڇوڪرن جون ڪهاڻيون ته گهڻيئي ايندِيون آهن. ڇا توکي ڪا اَهڙي ڪهاڻي نه ايندي آهي جنهن ۾ سٺو سٺو دادا هجي؟"

ماءُ جي روحءِ روحءِ ولوڙجي ويئي. هن همت وڏائي پٽ جي وات تي رکيو ۽ ڪيس ڳراهٽڙي پائي، پاڻ ۾ سمهي پيئي. اُن بعد گياني ڪهاڻي ڪٿڻ بجاءِ دل ئي دل ۾ روئندي رهي ۽ شيام پهريائين سٺي سٺي دادا واري ڪهاڻي ٻڌڻ جي انتظار ۾ رهيو، پوءِ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍڙي دماغ سان خود ئي اُهڙي ڪنهن ڪهاڻيءَ جي تلاش ۾ لڳي پيو ۽ آهستي آهستي جاڳڻ - جڳت جا سندا ٽپي خوابن جي دنيا ۾ پهچي ويو.

گذريل هفتي مار کائڻ جي ڪري سبب، شيام هلڪي ڪان هلڪي کڙڪي تي جاڳي پوندو هو. اَڄ به اَڌ رات جو پاڙي ۾ ڪجهه گوڙ ٿيڻ سبب جاڳي پيو. جڏهن هن ڏٺو ته سندس ماءُ به ڇرڪ ڀري جاڳڻ واري آهي، تڏهن هن اکيون بند ڪري، ڪن سولا ڪري ڇڏيا. آهستي آهستي شيام جي ڪنن هيٺان پاڻهين کلي، گياني پلنگ تان اُٿي ويٺي. ڪليل دريءَ مان ايندڙ ماڻهن جي آوازن ۽ ڳالهائڻ سان گيانيءَ کي معلوم ٿيو ته ڪي شرابي پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن.

"ڪلياڻ ۾ متا شرابي وڃن ٿا وڌندا،" گيانيءَ پاڻڪان پاڻڪي چيو ۽ ليٽي پيئي.

ستي ئي ستي دل ئي دل ۾، ننڍڙي شيام ماءُ جي ان رائي کي ٺيڪ ڏٺو.

سندن گهر پرسان لنگهندي، هڪڙي ماڻهوءَ پنهنجي همراه کي چيو، "... نشي ۾ مار جي خبر ٿورو ئي پوندي آهي ..."

شيام جي دماغ ۾ ڪا ڳالهه چمڪي اُٿي. پنجن ستن منٽن جي سوچڻ بعد هو ان نتيجي تي پهچي ويو ته پيءُ جي مار کان بچڻ جو سٺي ۾ سٺو نمونو آهي شراب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ هاڻي وهڻ لاءِ رلڌڻي مان صندلي کڻي وڃي رهي هئي.

شيام ڪمري ۾ موٽي اچي ڀت ۾ ٽنگيل هڪ خالي ڳوٺري هيٺ لاهي، ويڙهي، پلنگ تي رکي ۽ اُن بعد وري ماءُ کي ڏسڻ ويو ته ٻراٽڻ ملڻ شروع ڪيا اٿس يا اَچا ا. خاطري ڪري هن موٽي اچي ڀت ۾ ٽنگيل ڪوٽ مان ڪنجين جو ڇڳو ڪڍيو ۽ پيٽي کولي ٽي رپيا ڪڍي، تالو بند ڪري وري چابيون ساڳئي هنڌ اچي رکيون.

ڪوٽن جي ڳوڻ پنيان شراب جي بوتل لڪائيندي، شيام دل ئي دل ۾ ڀاڻڪي چيو: پيسان بي سمجهه، مونکي چوندو آهي ته لون هل، مان ٿو بوتل کڻي اچان! مونکي به اٽڪل سجهي آئي، چيومانس ته دادا چيو آهي ته اُهڙي نموني کڻي اچي ڪوٽن جي ڳوڻ پنيان رکجانءِ جيئن ننهنجي ڀاڀيءَ کي خبر نه پوي.

پاندا ملي رلڌڻي ۾ رکڻ بعد، گيانيءَ اچي ڏٺو ته شيام اچا جيئن جو ليئن ڪتاب پڙهڻ ۾ مشغول آهي. هوءَ ڏاڍو خوش ٿي ۽ مُرڪي شيام کي چيائين، "مان وڃان ٿي سنان ڪرڻ، رلڌڻي ۾ ڪتو ٻلو گهڙي نه اچي، خيال رکج."

گياني هوديءَ ۾ وڃي اَندران ڪڙو ڏنو. جلد ئي شيام پلنگ چڙهي الي ڪڙو ٽيو. هوَ پيءُ جي ڪوٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪيسي مان واچ ڪڍي رنڊڪي ۾ گهسي ويو.

جلد ئي گياني هوديءَ مان رڙ ڪئي، "شيام، هي حمام دستي مان ڇا پيو ڪڍين؟"

"پاپي، ڪجهه نه آهي. ڪارا مرچ آهن."

"پر بلي، تو کي ڪهڙي پيئي آهي ڪارا مرچ ڪڍڻ جي؟" انهن ڇڻي ظاهري نه هو ۽ چپ ٿي ويٺي، پر من ئي من ۾ سوچڻ لڳي: آخر ته پار آهي؛ پلي ٿوري من ماڻي ڪري ونئي. پڙهي پڙهي ٿورو ورچجي پيو هوندو. پر چرني کي راند ڪرڻ لاءِ سجهيو به ڇا آهي؟ ڪارا مرچ ڪڍڻ! ڪارا مرچ؟ ڪارا مرچ پاڻوت آهن ڪٿي؟ ڪارن مرچن کي خلاص ٿئي چار پنج ڏينهن ٿي ويا؛ روز پيئي سڀيران، اڄ ٿي ونئي اُچان ... ماءُ جي دل ۾ هڪ مبهم مبهم انديشو پيدا ٿيو. ڪيس انگوڇو هينئي هو، باقي بدن کي ولي ويڙهي، هن هوديءَ جو ڪڙو کوليو.

گيانيءَ جڏهن هوديءَ جو دروازو کوليو ته پڇندڙ شيام جي پنهي هٿن ۾ جهليل شراب جي بوتل سندس اکين اڳيان چمڪي، سندس نگاهن ۾ اٽڪي پيئي. هڪدم ڪن نامعلوم انديشن سندس من کي پيڙي ورتو. اُن پيڙا وچان هو ۽ حمام دستي ڏانهن نه وڌي شيام ڏانهن ڊڪي. شيام بوتل جو بوچ کولي بوتل جو منهن پنهنجي وات ۾ مس وڌو ته ماڻس اچي هڪ هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌس ڪرائيءَ ۾ وڌو ۽ ٻئي هٿ سان ٻوتل منهن مان ڪڍي هٿن مان ٻه ڪسي ورتائينس.

ٻوتل هڪ پاسي رکي هن شيام کي ٻه چار چماٽون وهائي ڪڍيون ۽ سهڪندي چيائين، ”مورک، تون آهين گهٽو گڏ جيڏو، جو شراب جي ٻوتل، سو ٻه ٻيان پاڻيءَ جي چاڙهڻ هليو آهين؟ اِهي ارڪان تو ۾ وڌا ڪڏهن؟ تو ٻوتل ڪٿان آندي؟“

”تنهنجي پيٽيءَ مان ٽي رپيا ڪڍي، چوري ڪري، مولي ڪان ٻوتل وٺي آيس ـ دادا جي ٽالي. حمام دستي سان مون دادا جي واچ ڪُٽي آهي ـ ١٥٠ رپئي واري. هاڻي نه دادا مار ضرور ڏيندو ۽ مونتي مار جو اثر نه ٿئي تنهن لاءِ مان شراب جي ٻوتل ...“ شيام شوخيءَ مان يڪساهي اچا ٻه ڪجهه چوي ها، پر ماڻس ڪيس غصي مان ڪٽي، ويچارا ڏيندي چيو، ”مونتي مار جو اَثر نه ٿئي!“ ۽ سنڌس پٺيءَ تي ڪجهه عدد چنبا وهائيندي، سهڪندي ۽ چوندي رهي، ”مان ٻه نه ڏسان ته مار جو اَثر ڪيئن نٿو ٿئي. مٺا، هيڏڙي ننڍي هيڏا مڪر ڪرڻ هليو آهين! تنهنجي مڪر جو علاج ئي مار آهي. هاڻي جو هاڻي دادهن کي ماڻهو موڪلي تنهنجي اِها جنڙي ٿي ڪيايان!“

شيام کي ماءُ هٿان مار کائيندو ڏسي، پاڙي جا ٻه ٻار سنڌس در وٽ اَچي جمع ٿيا هئا. گيانيءَ رڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري چيو، "اَڙي ڪمار، رميش، وڃو ڪاڪي ڀورو مل جي گهران شيام جي ڀيڻ کي ته وٺي اچو! وڃو، جلدي وڃو!"

شيام هن مهل تائين چپ چاپ ۽ هڪ قسم جي ديناپائيءَ سان سڀ ڪجهه ڏسي، سهي رهيو هو. ڪمار ۽ رميش کي ڊوڙندو ويندو ڏسي سندس پير پيرا ٿي ويا. سندس تصور ۾ پنهنجي ڀيڻ جي نهايت ئواڻتي ٿي ويل شڪل جا خط ـ خال اڀري آيا. ڪائنس هڪ سنهي چيخ به نڪري ويئي. اوچتو هن هڪ زوردار جهٽڪي سان پنهنجي پانهن ماءُ جي هٿ مان ڇڏائي ورتي ۽ اُچانڪ ڏيئي گهر کان ٻاهر نڪري ويو. گهر کان ٻاهر ٿي هڪ دفعو به گهر يا ماءُ ڏانهن نهارڻ بنان، هن وٺي اسٽيشن طرف ڊوڙ پاتي.

اُهو ڏينهن، اُها رات ۽ اُن بعد ڪيترائي ڏينهن خوشيرام ۽ سندس ڀاڙي جا ماڻهو شيام کي ڳوليندا رهيا — ۽ اَڄ شيام کي گهر کان ڀڄڻ پنج سال گذري چڪا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو ساڃاهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book